
ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا



بنسي خوبچنداڻي

اِشاعت جو پنجٽيهون سال

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani
Sub Editor : Mukesh Tilokani

ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا-۱۳۷

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي

سب ايڊيٽر : مڪيش تلوڪاڻي

سال : ۳۵ Year-35

اَنڪ : ۱۳۷ Vol-137

في انڪ : ۲۰ رپيا

Price Rs. 20/=
Annual Subscription Rs. 100/=
Life Subscription Rs. 1000/=

(Jan - March. 2013)

جنوري - مارچ ۲۰۱۳

ڀارت کان ٻاهر :
۵۰ يو. ايس. ڊالر

ڇاپار : انڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205
Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org



سلسلو

आखेरा आकास में

(आत्म कथा)



राम ॿख़्शाणी

Price : Rs. 200/= Postage Extra

Available at

Indian Institute of Sindhology

P. O. Box - 10, Adipur - Kutch 370205. Phone: (02836) 263851

e-mail: sindlogy@yahoo.com - contact@sindhology.org

visit www.sindhology.org

خاموشيءَ جو اَرٿ اهو ناهي تہ من اندر تہ وشيہ - واسنائن جو طوفان هلندو هجي پر زبان بند هجي. اها بي زباني خطرناڪ ٿي سگهي ٿي.

مؤن آتما جو سينگار آهي. خاموشي اختيار ڪرڻ سان روح کي سڪون ملي ٿو. جيتري ضرورت هجي اوترو ڳالهائجي. زياده ڳالهائڻ سان شرير جي شڪتي بہ گهٽجي ٿي. جيڪو خاموشي يا مؤن جي ڀاشا ڄاڻي ٿو اهو اکرن جو صحيح استعمال بہ ڪري ڄاڻي. گهڻ - ڳالهائوءَ تان ماڻهن جو وشواس بہ گهٽجڻ لڳي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن زياده ڳالهائڻ سان مصيبت ڳچيءَ پئجي ٿي وڃي.

سچ پڇ تہ سنا ويچار مؤن ڌارڻ ڪرڻ ۾ئي پئدا ٿين ٿا. مانسڪ شانتيءَ لاءِ مؤن اَمرت سمان آهي. جهڙيءَ طرح جسم کي صحتمند رکڻ لاءِ سنو کاڌو ۽ سٺي ننڊ ضروري آهي، تهڙيءَ طرح دماغي صحت لاءِ خاموشي اختيار ڪري هلڻ ضروري آهي.

مؤن ڌارڻ ڪرڻ اهڙو تپ آهي جنهن ۾ شبد، ڀاو، ويچارءِ ڪلپنائن جو تياڳ ڪرڻو پوي ٿو، جيتوڻيڪ اهو اجوڪي دؤر ۾ ڪٺن آهي.

واڻيءَ جي شڪتي وڌائڻ لاءِ مؤن ضروري آهي. اجايو بي مطلب ڳالهائڻ کان بچي هلڻ ۾ ڀلائي آهي.مؤن واڻيءَ کي سگهارو ڪري ٿو، پُر اثر بڻائي ٿو. واڻيءَ ۾ ايتري طاقت آهي جو ٻين کي متاثر ڪري سگهي ٿي. اهو اثر نديءَ جي وهڪري وانگر ماڻهن جي من ۽ هردي جي ڀومي کي اهڙو سيراب ڪري ٿو وجهي جو ماڻهوءَ جو من هريو ڀريو ۽ گلزار بڻجي ٿو پوي ۽ سندس سڀاءُ ۽ وهنوار ۾ بدلاءُ ايندو نظر اچي ٿو.

جيترا بہ رشي مُني، پير فقيرءِ سنت درويش ٿيا آهن تن مؤن جي شڪتيءَ مان لاڀ پاتو. شايد انهيءَ ڪري ئي انهن جي مک مان نڪتل شبد اٽل ٿي پوندو هو - وردان بہ، سراپ بہ!

ظاهر آهي تہ مؤن واڻيءَ کي شڪتي بخشي ٿو. خاموشي گفتگو بڻجي پوي ٿي ۽ بي زباني زبان جو ڪم ڪرڻ لڳي ٿي!

اَرجن چاولا (عليگڙه)

اَسانجي طرفان

خاموشي بہ گفتگو آهي

چُپ رهڻ ۾ هزار سک آهن. چپ رهڻ تياڳ بہ آهي تہ تپسيا بہ. چپ رهڻ لاءِ خود-ضابطي Self control جي درڪار آهي. خاموش رهڻ واري کي گونگو نہ سمجهڻ کپي. وقت تي بي زباني بہ زبان بڻجيو پوي.

خاموشي اختيار ڪرڻ، چُپي ساڌڻ بہ تپ آهي، جنهن جي ذريعي نئين شڪتي پئدا ٿئي ٿي. مؤن ساڌنا اَنتر آتما کي نئين شڪتي ۽ چيتنا بخشڻ جو هڪ ذريعو آهي. مؤن ڌارڻ ڪرڻ وارن ۾ پنهنجي پراڻن اَنيوَن جي آڌارتي ڪلياڻ ڪاري ويچار جنم وٺن ٿا. يعني فلاحِ - عام General welfare جي سُرت جاڳي ٿي ۽ روحاني رازن کي پرکڻ - پروڙڻ جو ڏڳ کُلي ٿو. اَهڙيءَ طرح اَنتهہ - ڪرڻ کي نکارڻ جو هڪ پُر اَثر ذريعو آهي مؤن. انهيءَ بهاني آدمي اَنتر- مُکي ٿي اندر ۾ جهاتي پائڻ جو ڏانءُ حاصل ڪري آتما جو آواز ٻڌي سگهي ٿو ۽ انهيءَ موجب پنهنجي جيون جو سنچالن ڪري ٿو.

سنسار جا جهڳڙا جَهٽا، تناوَ وغيره وڏيون رڪاوٽون آهن. مؤن ساڌنا انهن کان بچڻ لاءِ هڪ پختو اُپاءُ آهي. مؤن چِت جي ڀٽڪاوَ کي روڪي شانتي ۽ ٻل بخشي ٿو.

ڪوڙ، گلاخوري، چُغلي، بيائيءَ وارا ٻول، بڪواس وغيره واڻيءَ جا دوش آهن. مؤن جي سهاري واڻيءَ جي دوشن، زبان درازيءَ جي الزامن کان آجو رهي سگهجي ٿو. وهنوار ۾ بہ خاموشي ’تون-تون‘، مان-مان‘ وارن جهڳڙن کان پاسيرو ۽ پريرو ٿي هلڻ جو هڪ اُپاءُ آهي. خاموشي شخصيت کي اُڀاري ٿي بيهاري. گهڻ - ڳالهائو قدر وڃائي ٿو ويهي. مؤن يا خاموشي آدميءَ جي اَهل-علم، ودوان هئڻ جي ڪسوٽي آهي.

مهاتما گانڌي مؤن ورت رکي ديش ۽ سماج جي لاءِ نئين سوچ ۽ نئون جوش - اُتساه حاصل ڪري وٺندو هو.

وفا جا گيت، غزل، نظم زبان تي نفاست سان چڙهندا هئا ان ڪري سندس رچنائون هر ڳائيندڙ ڪلاڪار چوچ ۽ چاهه سان پيش ڪيون. سندس پائڻ ۽ پينڻ، خاس طور رتن ڇُڳاڻي ۽ ڪملا ڇُڳاڻيءَ سندس شاعريءَ کي سُر جي مالها ۾ پوئي، عوام جي گلي جو هار بڻايو. رام پنجواڻيءَ جي اُها محفل يا چونڪي ڪانه هوندي هُئي، جنهن ۾ وفا جو ڪو ڪلام پيش نه ٿيو هُجي، 'منهنجا ڪامل يار ملاح'، 'تنهنجو شهنشاهي شان او سهڻا يار'، هر ڳائيندڙ جا نهايت پيارا گيت هئا.

هري دلگير وانگر وفا به آشاوادي هو. هُن نراشا جي گهڙين ۾ به آشا جو پلئه نه ڇڏيو.

ڪشت ڪشالا ڪٽبا ويندا، هڪ هڪ تي هڪ هڪ تي
درد خوشين ۾ مٽبا ويندا، هڪ هڪ تي هڪ هڪ تي.

هڪ اَهڙو گيت آهي، جنهن گهڻن کي نراسائيءَ جي ڏُبڻ مان ڪڍي، آشا جي سورج جا سيتل ڪرڻا پسايا.

وفا جي ڪلامن جا مجموعا آهن. جهڙوڪ

(١) جهنڪار (ڪويتائون - ١٩٥٨)،
(٢) پرواز (ڪويتائون - ١٩٦٢)،
(٣) سرخ گلاب سُرها خواب (ڪويتائون - ١٩٨٠)،
(٤) مان اَزل جي اُڃ آهيان (ڪويتائون - ١٩٩٠)،
(٥) تون ساگر مان لهر (ڪويتائون - ١٩٩٣)،
(٦) آئينا ۽ عڪس (ڪويتائون - ١٩٩٦)،
(٧) سچ لهڻ تي آهي (ڪويتائون - ٢٠٠٠)،
(٨) لچي پئي يڪتاري جي تار.... (ڪويتائون - ٢٠١٠)

وفا جي سنگيت ميه بولي، شاعراڻو فن ۽ فڪر، سنڌي شاعريءَ جو املهه سرمايو آهن، جنهن کي سنڌي ساهت ۽ شاعريءَ جا شائق ساهه سان سانديندا.

اسين سندس ڪٽنب جي پاتين سان ۽ سنڌي ساهت پريمين سان هن دک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.


جنم: ١٩ سپٽمبر ١٩١٥ع ديهانت: ١٧ ڊسمبر ٢٠١٢ع

9, Maleer, Adipur - Kutch-370205

پريو چڳاڻي 'وفا'

پريو جوتومل چڳاڻي 'وفا' لاڙڪاڻي سنڌ جي شاعراڻي محفل جو مورهو. لاڙڪاڻي کي اِهو شرف آهي ته اُن ڪشنچند بيوس ۽ نواز علي جعفري نياز جهڙن شاعرن کي جنم ڏنو، جيڪي سنڌي شاعرن ۾ سخن ورن جي پهرين صف ۾ اَچن ٿا. نياز علم عروض جو باڪمال شاعر هو، جنهن جي سنگ ۽ بيوس جي صحبت ڪيترن سُخن جي شائقن کي گهڻو متاثر ڪيو ۽ شاعرن جي اُها منڊلي نهي، جنهن ۾ دکايل، دلگير، وفا پنهنجي قلم جو جوهر ڏيکاري سنڌي شعر و شاعريءَ تي وڏي ڇاپ ڇڏي.

عربي ۽ فارسيءَ جي لهجي، طور طريقي، محاوري، بيان بازي، باغ بوستان، گُل، پونئر، مئي، ساقيءَ، ناز ادائن، ڪاڪل، لبن جي لاليءَ جي ڪوڙڪي ۽ مصنوعي نقاب مان ڪڍي، جن شاعرن سنڌي شاعريءَ کي نج سنڌي لهجو ۽ انداز ڏنو، تن ۾ پريو وفا به اَچي وڃي ٿو.



وفا اَڃا ڪاليج ۾ پڙهندو هو ته بيوس جي سنگ ۾ رچي راس ٿيو ۽ ان ۾ سمايل ٻوليءَ جي خوشبوءِ، سُرهاڻ، سادگي ۽ اظهار جي بي ساختگي، سندس شاعريءَ جا زيبدار ڳهڻا بڻيا. ڏيک ڏيکاءُ کان دور، محبت ونڊيندڙ ۽ ورهائيندڙ وفا يارن جو يار به هو ته دشمن جو دوست به هو. هُن ڪنهن اڳيان پاڻ کي سُرخرو نه بڻايو. صلاح ڏيندو هو جيڪڏهن ڪانئس اُها گُهري ويندي هُئي. هُن پيار ڏنو ۽ پيار پاتو. اِها ديرينائي، ٻاجهاري پنهنجائي هُن ڪڏهن ڪانه ڇڏي.

پئنچات. سيني سنسٿائن کي دل سان پنهنجون شيوائون ڏنائين ۽ جدا جدا پدن تي قائم رهيو. هي ۽ صاحب سنڌالاجيءَ جو اهم ڪارڀ ڪرتا رهيو.
وليرام سنڌالاجيءَ جو شروعاتي ٽرسٽي هو، اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو. ۽ اِنٽرنل آڊيٽر پڻ هو.
ڪشناڻي صاحب نهايت مانيٽو، شانت سڀاءُ، هر دلعزيز، نهٺائيءَ سان سيني اڳيان پيش ايندڙ ايماندار شخص هو.
ڪيس سنڌي ٻوليءَ، ساهتيه سان اڪيچار محبت هئي اُن ڪري هر ڪلچرل پروگرام ۾ حاضر رهندو هو. ڪيترين سنسٿائن جي پروگرامن ۾ ڪمپئرنگ پڻ ڏاڍي سهڻي انداز ۾ ڪندو هو. شاعر هئڻ جي ڪري ڪيترا ڀيرا پنهنجي ميناج ڀريل آواز سان پنهنجون ۽ ٻين جون رچنائون سُر ۾ ڳائي ٻڌائي وندرائيندو هو.
سندس لکيل قومي ترانو :

سنڌي آهيون سيرت سنڌ جي،
سانديندا سين ساهہ سان،
پل تہ هجون ڏارين جي وچ ۾
سنڌي چوايون چاهہ سان.

عوام کي ڏاڍو پسند پيو.
وليرام ڪشناڻي ننڍڙن ٻارڙن ۾ ساهتيہ جي رُچي پيدا ٿئي، اُن لاءِ مئتري منڊل جي سهڪار سان هر سال اڪادميءَ جي مالي مدد سان ورڪشاپ پڻ هلائيندو هو. ورڪشاپ ۾ ٻارڙن طرفان لکيل ساهتيہ کي درست ڪري هن ننڍا ٻال ساهتيہ جا ڪتاب پڻ ڇپارايا جيئن نوجوانن ۾ ساهتيہ لکڻ پڙهڻ جو شوق پئدا ٿئي. هر مهني جي آخرين ڇنڇر تي سنڌالاجيءَ طرفان نيماڻو اَدبي ڪلاس پڻ هلائيندو هو.
وليرام ڪشناڻيءَ کي گجرات سنڌي اڪادمي، اين. سي. پي. ايس. ايل. دهلي ۽ ٻين ڪيترين سنسٿائن طرفان اِنعامن، سنمانن سان نوازيو ويو هو.
آخرين ڏينهن ۾ بيمارين سبب راجڪوٽ جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اُتي هن صاحب پنهنجو سنساري سفر ١٩ جنوري ٢٠١٣ تي پورو ڪيو.
سندس ڏنل ساهتيڪ يوگدان هميشه سنڌي جڳت کي ياد رهندو ۽ اُن جي راهہ روشن ڪندو.


41, Sindhu Varsha Foundation,
Adipur - (Kutch) - 370205

شرڌانجلي / مڪيش تلوڪاڻي

وليرام چيتانند ڪشناڻي

شري وليرام چيتانند ڪشناڻي سنڌي ٻولي، ساهتيہ جڳت جو برک اَديب ساهتيڪار هو. سندس جنم ١٥- آگسٽ ١٩٣٧ع ۾ ٽنڊو محمدخان سنڌ ۾ ٿيو هو.

١٩٤٧ جي ورهاڱي کان پوءِ هو صاحب سڌو جوڌپور راجستان ۾ لڏي آيو ۽ ڪجهه سال اَجمير ۾ گذاريائين. آخر ١٩٥٥ع ڌاري اَچي گانڌيڌام ۾ ٿانئيڪو ٿيو.



ڪشناڻي صاحب پرائيمري تعليم سنڌ مان حاصل ڪئي. هن مئٽرڪ ۽ هاير سيڪنڊري اَجمير بورڊ مان ۽ ڪاليجي تعليم گجرات يونيورسٽيءَ مان پرائي.

وليرام ڪشناڻي صاحب ڪنڊلا پورٽ ٽرسٽ ۾ اُڪائونٽ آفيسر جي عهدي تي هو ۽ اُن پوسٽ تان ئي رٽائر ٿيو. وليرام ڪشناڻي حسابي ڪتابي آفيسر هو. هن کي ساهتيہ لکڻ پڙهڻ جو شونق ننڍپڻ کان هو. هن ناول کي ڇڏي باقي لڳ ڀڳ ساهتيہ جي هر صنف تي پنهنجو قلم آزمايو ۽ ڪامياب ويو. هن ساهتيہ ۽ ٻال ساهتيہ کي جوڙي ڪل ١٥ ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا. ٻن ناٽڪن (ڊبل اسٽئنڊرڊ ۽ پوپري) جون ويڊيو سي. ڊيون پڻ تيار ڪرايائين. هن گذريل سال 'چيتنا' مخزن هندي ڀاشا ۾ ڇپائي پنهنجي من جي مُراد پوري ڪئي ۽ ساهت جڳت تي وڏو وڙ ڪيو.

هيءُ صاحب سماج شيوڪ هو. سماجڪ، تعليمي ۽ ڪن ڌارمڪ سنسٿائن سان جڙيل رهيو ۽ توڙ تائين سات نڀائيندو رهيو، جهڙوڪ نو ڀيوڪ منڊل، سنڌي ساهتيہ ڪلا منڊل، ٻيوس واڻي منڊر، ايس. آر. سي.، گانڌيڌام ڪو آپريٽو بئنڪ، اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڀائي پرتاب نگر سنڌي

اِنعامن جي پڌرائي

١. سال ٢٠١٢ لاءِ ساهتيہ اڪادميءَ جو انعامَ سدا حيات شريمتي اِندرا واسواڻيءَ کي سندس ڪهاڻي سنگرهہ ’مٽيءَ کان مٽيءَ تائين‘ لاءِ.

٢. سال ٢٠١٢ لاءِ ساهتيہ اڪادميءَ جو ٻال ادب لاءِ انعام ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي ’روشن راهہ‘ ڪتاب تي.

٣. پريہ درشني اڪادميءَ طرفان ساهت - شيوائن لاءِ -/25,000 جو انعام ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي.

راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد نيو دهلي طرفان

١. ساهتيہ رچنا سنمان - شري سترامداس سوياسنگهہ ’سائل‘ هڪ لک روپيا

٢. ساهتڪار سنمان - ڊاڪٽر جينو لعلواڻي هڪ لک روپيا

پنجاهہ - پنجاهہ هزار روپين جا ڏهہ انعام

١. شريمتي ليلا مامتاڻي - مهما ڳايان تي جهولي لعل توهان جي (شاعري)

٢. ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي - اولهہ راجستاني ۽ سنڌي ۽ ٻيا مقالا (ادبي تنقيد)

٣. شريمتي سنڌيا ڪندناڻي - سنڌي ناٽڪ جي اِرتقا (اَدبي مضمون)

٤. شريمتي رشمي راماڻي - سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (سنگرهہ)

٥. شري مدن جماڻي - پرهہ ڦٽيءَ کان سانجهيءَ تائين (ناٽڪ جو اِتهاس)

٦. شري ايشور ڀارتي - سنڌي ڪهاڻي (تنقيد)

٧. شري پريتم ورياڻي - سنڌي ڀاشا ۽ سنسڪرتي (مضمون)

٨. شري سي. ٽي. گيانچنداڻي - پينگهي جو پرساد (ڪهاڻين جو ڪتاب)

٩. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي - ايسرداس جو اسڪوٽر (ٻارن جو ڪتاب)

١٠. شريمتي سَتي ڪلناڻي ’سکي‘ - سرل سهج طريقي سيکين (درسي ڪتاب) سنڌي بولنا

سڀني اَديبن کي اَسانجون دلي مبارڪوُن!

نينڊ پتر

انڊين انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي

(سنڌو نگر چئپٽر)

شري رام ڪڪڙيجا جي سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪيل بنگالي ناول 'مرو تيرٿ هنگلاج' جي رونمائي - جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ توهان کي دلي نينڊ ٿي ڏجي.

وقت ۽ تاريخ - آرتوار ٣ مارچ ٢٠١٣، شام جو ٦.٣٠ بجي

اِستان - سنڌو يوٿ سرڪل الهاسنگر - ٣

موقعي جو مکيه مهمان - ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، صدارت - شري نند ڇڄاڻي، ڪتاب جي رونمائي پروفيسر هيرو شيوڪاڻي ڪندا.

لکمي ڪلاڻي
(ڊئريڪٽر)

پروفيسر ميناگوپ روپچنداڻي
(چئپٽر انچارج)

'مرو تيرٿ هنگلاج' جي رونمائي



رونمائيءَ جي موقعي تي نڪتل فوٽو ۾ ساڄي کان لکمي ڪلاڻي، سندر ڊنگواڻي، نند ڇڄاڻي، هيرو شيوڪاڻي، رام ڪڪڙيجا، نارايڻ ڀارتي ۽ ميناگوپ روپچنداڻي

غزل / ڊولڻ راهي



سدا حيات نارايڻ شيام

-١-

ڀلي لُڙڪ روڪي، ڀلي مُسڪرائي،
مگر ڪيسين تائين ڪوئي غم لڪائي؟

ٻلن خواه غنچن ڪئي ڳالهہ هڪڙي
هوائون ويون پر ٻيو ڪي ٻڌائي!

ڪٿي اڄ سا ڪاوڙ اجائي سجائي
ڪيئِہ ڏاڍو آدر چڏيئِہ سڪ گهٽائي!


نہ هو چين ڪجهہ رنگ و بوُ جي بہ گهرم
ڏنو مون گلن مان لِيا پائي پائي!

ٻلن کي خزان راز محرم ٻڌائي،
غمن کي ڇڏيو مرڪ پويان لڪائي!

-٢-

پيون ياد جئن رات تنهنجون رهاٽيون،
ڪڏيم چنڊ سان تنهنجون ڳالهيون پراٽيون!

اِنهن مرم مارين لچارين اکين جون
پُڇائون نہ وسريون، نہ وسريون وراٽيون!



غزل / واسديو موهي

پاڻ سان صرف سِڄ کٽي تو هلين
ماڪ جو سانت تيڄ ڪاش ڪٽين

بند ڪر پاڪي وڏو سمجهڻ
گهنڊ ۽ مورتيءَ سان گهمندو وتين

سمنڊ پنهنجي جڳهه، ننڍو موتي
سالَ ئي سالَ، هڪ گهڙي جي لهين

ڳالهه ڪي صاف صاف تو سمجهان
تون خلاصو جڏهن پڇي تو وٺين

زندگي جي وٺين ڀڳن جا ڀڳ
پَلُ ڏسي ڪنهنکي، ساهُه پلجي وڃين

ڳولهين پيو آسمان ۽ تارا
ڪنهنجي اک جي وشالتا نه پسين

مون ڪنورو ڪتي جهليو تو اڳيان
تون اَچي چنڊ سج رکي تو ڇڏين

تنهنجي عادت لڪل ڪتي ڪنهن کان
زهر پِي تون بنا چڪڻ نه وٺين

حرفتي ڪيڏو تي وٺين موهي
ڪوڏ موتين جيان تو پيش ڪرين.

A-355, Nayan Nagar,
Sahijpur Bogha,
Ahmedabad - 382345

مؤت ڪٿي هيءَ ننڊ تہ آهي
لولي آهي، مارو ناهي!

آءٌ اڻاهہ سمنڊ ۾ تو لاءِ
گنگا ناهي، سنڌو ناهي!

-٥-

زماني جي رفتار جو رخ مٽائي
هليو آدمي مشڪندو وڪ وڌائي!

اڳيان جٺن ٿي وڌندو هليو پنهنجي ڌُن ۾
پنيان هڪ نئين راهہ پڻ ويو ٺاهي!

اگر بينو ڪا وير ساهي پٽڻ لاءِ
برن ۾ چڙهيائين بزاريون لڳائي!

جي اوُچو اِرادو ڪري اڪ ڪنيائين
تہ اُڀ کي بہ نيچو چڙهيائين نوائي!

پهاڙن کي پڻ پنهنجي ڏوريءَ ٻڌائين
ٽڪين پيچرن جا وراڪا ورائي!

رهيو شان سان پوڻ جو فرش جوڙي
مٿان گهرَ جي آڪاس جي ڇت لڳائي

جڏهن ڏس تڏهن سمنڊ پائي ٻهاريون
سندس گهر پيو پير هر هر گهمائي.

6, Sawar House, Srinagar Road,
Ajmer - 305007

ڪڙيو چنڊ موتي نہ سو سڄ ئي اُڀريو
تڪيندي تيا ڏينهن راتيون وهاڻيون!

مِنيون صُحبتون ساهہ جن لءِ سڪي پيو
ڪتان ڪين آئيون، وري ڪيئن ماٺيون!

ڪتان آئيون روشن گهڙيون زندگيءَ جون
نظر پيئي جنهن مهل شمعون وساڻيون!

-٣-

هوائون تہ لڳنديون، مگر شيام ڏسجان
متان ماڪ چلڪي ڪنول جي گلن تان!

لڳن جن لڳائي، ڪٽي تانءِ تيندیون،
وريون لهرون ٽڪرائجي بس ڪپر سان!

زمانو اسانکي مٽائي نہ سگهندو
مليو آهي خود ڪيس نالو اسان ڪان!

ڏٺو هوم جنهن ڏينهن پهريائين توکي
تعلق مون جوڙيو هو تو سان ازل ڪان!

-٤-

دل ڪي اڪ ئي قابو ناهي
جادوءَ لءِ چا جادوُ ناهي!

گل جي مرڪ، اُمنگ ڪليءَ جو
چؤ تہ بهار جو جادو ناهي!

گل جو روح غزل ۾ چهڪي
بُلبل جي هيءَ ٽڪلوُ ناهي!

وائي / ڪيمن يوُ مولاڻي

تون تہ بيٺو نچين

ڏس ٿي هيڙي ٻڌي

١. واءُ واڪا ڪري، ڪونہ تو ڪجھہ ٻڌين!

ڏس ٿي هيڙي ٻڌي.

٢. ماٺِ سنماٽ سان، پاڻ کي پيو لڳين!

ڏس ٿي هيڙي ٻڌي.

٣. اُپ سڄو ئي ڪڪر ڪونہ اُن کي ڏسين،

ڏس ٿي هيڙي ٻڌي.

٤. رات، چوطرف گهگهہ، تون بتين سان پڏين!

ڏس ٿي هيڙي ٻڌي.

٥. ٽنگ ڏسڄن وڏا، تون ٻڙيون تو ڳٽين!

ڏس ٿي هيڙي ٻڌي.

٦. رنگ ۽ روپ پنهنجا مٽيندو وتين!

ڏس ٿي هيڙي ٻڌي.

A-New 14/134,
Bairagrah,
Bhopal - 462030
Mb. 094250-51715



غزل / ڪيمن مولاڻي

(۱)

دنيا آهي ڪاڪ محل،
قدم قدم تي ڪو ڇل ول.

هرڪا چيز فنا ليڪن،
جيئڻ ڏکيو آ هڪڙو پل.

سارو جڳ ئي پاڳل آ،
ڪيسين ويٺو رهندين هل.

ناچ نچيو تاريءَ تي جنهن،
پٽ تي پن سو ڪريو سڪل.

ماڻهو ڪونہ وٽيو توڙي،
هوس وڳو چيڪو پاتل.

سمهيس تہ من ڪا ننڊ اَچي،
ٻوڙ ڪرڻ ويٺو بادل.

ملي هلڻ سان تي منزل،
سوُرج جملو چيو اَٽل.

تون آئين موٽي آيو،
ياد ڪٽي ڪا وقت وِيَلُ.

سر تي بار تہ اُپ جو هو،
پيرن هيٺان پل تہ جبل.

(۲)

پٽ وڏا ٿي ويا،
گهر جدا ٿي ويا.

درد جڻ زندگيءَ،
جا سڪا ٿي ويا.

عڪس اونده ڏسي،
لاپتا ٿي ويا.

هاڻ جذبن جا پڻ،
قَرَ مُڏا ٿي ويا.

لفظ اَهڙو چيو،
فاصلا ٿي ويا.

هيترا چند سچ،
چو فنا ٿي ويا؟

مون چيو سچ جڏهن،
سڀ خفا ٿي ويا.

مان ڏسان ٿو

مان ڏِسان ٿو،
زندگيءَ جا
بدلجندڙ رنگ
ڏسان ٿو،
ننڍپڻ کان جواني،
جوانيءَ کان ٻُڍاپو
زندگيءَ جا چرچا پروليون
ڏسان ٿو.
صبوح کان ٻپهري،
ٻپهريءَ کان شام،
جيون جي پل پل جي،
هل چل ڏسان ٿو.
ماڻهوءَ جي معنيٰ
اِنسان جو اُتساهه
ٻن مان چار،
چئن مان ڏهه
پوءِ ڏهن مان
هڪُ ٿيندو ڏسان ٿو.
اُٺي ٿو اُڏامي ٿو،
آسمان مان پو
ڪِرندي ڏسان ٿو،
مان ڏسان ٿو.

مَن جون،
بيشمار لهرون،
اُٿن ٿيون اُمنگ ۾،
نچن ٿيون ۽ پوءِ،
جُهڪن ٿيون هي لهرون
من جون ڏسان ٿو.
هوا جو رُخ
بدلي هميشه
هوا جي رُخ کي،
هلندي ڏسان ٿو.
هٿن جون لڪيرون،
ظلم جو زنجيرون،
ٽلن جون پنکڙيون، هوا جي هٿن ۾
ٽُٽندي ڏسان ٿو.
گهڻو ڪُجهه ڏنو ٿم
گهڻو ڪُجهه ڏسان پيو،
رنگ بدلي روپ بدلي
جيون لڳي ٿو ٻه
ساڳيو ساڳيو
جيون جي هرپل ۾
فقط هڪ بدلاءُ
ڏسان ٿو.

-٢-

هُنَ جي جهل مِل آ چانديءَ وانگر،
گُهنج چِهري تي بيوسيءَ وانگر.

پيرُ سُرَ تال ۾ کٽي جاٽي،
مُرڪ هن جي آ راڳڻيءَ وانگر.

ڪٿن نہ ناراض ٿي هلي ويئي،
ياد ايندي آ ڀاڪرڙيءَ وانگر.

هوءَ نہ آهي تہ رات موڪي آ،
هونئن تہ لوندي آ چِلوليءَ وانگر.

ڪيڏي اُڻ تُڻ آ هِن جي اکين ۾،
تڙڦ آهي ڪا زندگيءَ وانگر.

39, Ashray Bunglows,
Near Indra Bridge circle
Hansol, Ahmedabad -382375

اَسين



وليرام چيتانند ڪشناڻي (اَديب)

جنم: 15/08/1937، ديهانت 19/01/2013



درگا ٿاوراڻي (سماج سيوڪا)

جنم: ديهانت 02/02/2013



ايشوري ٽوپڻداس جوتواڻي (ليکڪا)

جنم: 11/11/1930، ديهانت 06/02/2013

۽ سنڌ جي برک اَديب سراج الحق 02-02-2013
جي ديهانت تي سنڌن ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم
۾ همشريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

صلاح

هُن چيو
’مرُ‘
مون چيو
’ڇو مَران؟‘
چيائين
’تہ بدلاءِ
پنهنجو پاڻ کي‘
مون چيو،
’ڇا ۾ بدلجان؟‘
پڇيائين
’پکوان ۾؟‘
مون چيو
’پکوان کو اِنسان کان
اَلگ آهن؟
اِنسان جهڙا ئي آهن
اِنسان جا رچيل آهن
پنهنجي زال جوئا ۾
هارائي وڃن
پنهنجي زال تي شَڪ ڪن،
ڪڏي ڇڏن
يا وري ٻين جون زالون
کڻي اَچن،
پکوانن ۾ وري ڪهڙي
خاص ڳالهہ آهي؟‘
چيائين
’تہ ڇا ٿيندين؟‘
مون چيو
’ڪينئون، ماڪوڙو .....‘
پڇيائين،
’اِنهن ۾ وري ڪهڙي
معما آهي؟‘
مون چيو،
’هنن اَبهمن کي
مان جو مرض ناهي
زمين مان نڪتا آهن
زمين ۾ پورا ٿيندا
ڌرتيءَ جو ڪاڌ آهن
ڌرتيءَ جو سواد آهن
تماشا آهن، نسوارت آهن.
اِنسانن لاءِ
هِڪ مثال آهن
وڏي سکيا آهن.‘
باغ جو ماڪوڙو
پکوانن ڪان ياري!

13-31, M.H.B. Flats, Reclamation
Bandra (W), Mumbai- 400050

اَڪيلو

سچ ڪٿي لِڪل آهي،
دڪانن ۾ بزارن ۾
هرداوار جي گهاٽن ۾
سچ ڪِٿي آهي،
سچ ڪٿي لِڪل آهي.
اِسڪولن ۾ ڪاليجن ۾
فِلمن ۾ ٽي. وي.ءَ ۾
سچ ڪٿي آهي،
ٻنين ۾ ٻارن ۾
ٻارن جي معصوميت ۾
شايد ڪٿي لڪل آهي،
سچ ڪٿي تہ لِڪل آهي.
سچ ڪٿي آهي،
مرگهٽ ۾ يا مئخاني ۾
مُردن ۾ يا مستن ۾
اِشارن ۾ اکرن ۾
اَکرن ۾ يا ايڪانت ۾
سچ ڪٿي آهي،
سچ ڪٿي لِڪل آهي.
سچ پُڇو تہ سچ
دفنايل آهي،
سچ جي ڪائي،
ضرورت ناهي،

سچ گُهربل ناهي،
دفنايل آهي،
صدين صدين کان،
سوريءَ تي لٽڪيل آهي.
گهربل ناهي،
ڇا ضرورت آهي،
سچ ڪٿي آهي،
سچ ڪٿي لِڪل آهي،
ڪڏهن ڪنهن
سُنسان هاءِ وي تي
يا سمنڊ ڪناري
اَڪيلو مايوس
شايد نظر پوي
لِڪل
خاموش اُٻاڻڪو
چڙن تہ
صدين کان
پرائو پرائو،
سچ
دماند ۾ ناهي
هِن برهماند ۾
اَڪيلو
ٽي پيو آهي؟

مُهِ ڪيڏي نہ سُهڻي لڳندي
۽ نَڪ تي ٽئٽوُ
جڏهن تہ
سڀ ڪان سُهڻا چِتر
ٽرين جي باٿروم ۾ ٺهيل هوندا آهن
يوُئر اٽينشن پليز

دوست -

دوست چوين ٿو تہ پوءِ
مُنهنجون خاميون بہ قبول ڪر-

غزل / ڪئلاش شاداب

دُنيا جي نگاهُن کان ڪِناري ڪري رکجان
هِڪ قيمتي شئہ آهيان سنڀالي ڪري رکجان

همت نہ رَهِي ڪنهن ۾ حقيقت کي ٻُڌڻ جي
ناراضگي ڪنهن آڏو سَنواري ڪري رکجان

ڪنهن شام مِتان موٽي اندين جِي طرف هوُ
ڳوڙهن جي چِراغن کي تون ٻاري ڪري رکجان

بيمار اَڳيان ٿوري خدائي جي ڀَرم لاءِ
ڀڳوان جوُن کي ڳالهيون ڪِناري ڪري رکجان

هر ڳالهہ چَيل پنهنجي ڪِٿي ياد رهي ٿي
ڪي خواهشون تون پنهنجون وِساري ڪري رکجان

بدليو ٿي جڏهن ديش تہ ايمان وري ڇا
هِن ڪوڙ کي شاداب اُتاري ڪري رکجان.

E 22 Sector 05, Near Modi House,
Devendra Nagar, Raipu:. CG. 492004


نظم/ ڪئلاش شاداب

ائبسٽريڪٽ ABSTRACT

رشتن کي اڄ
رنيوَل جي ضرورت پوي ٿي
موبائل. ايس ايم ايس، مِس ڪال
مول، وياج، سوُد
بينڊل پاڻي پنهنجي خوشبو
مٽائي ڇڏي ٿو
پَرپوُرو بہ ڪِٿي پوُرو آهي
رَستو آهي ئي ڪونہ
آهي تہ ڪَڏا ۾ انُهن جا آواز
هوُ ڏس بجليءَ جي تارتي وينڊل
چارپکي ڪيڏا نہ سهڻا لڳن ٿا
چڱا سال ٿيا مونکي اوکڙو ويڻي
ڪلهہ هڪ ڪوڪي، منهنجي پينٽ ڦاڙي
مونکي اڱهاڙو ڪرڻ ٿي چاهيو
شُڪر آ اڄ ايڊيٽ جو موُڊ نيڪ آ
هِن سان مِليو آهين، هي اَٿئي مِسٽرخُدا (خُدا)
تون بہ تہ سچي سوڙ
پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺين ٿو
ڇَڏ يار- سِگريٽ پيار
اَڄ مان بنان دونهين جي ڇِڪڻُ چاهيان ٿو

هِڪ منٽ بيهُہ
تنهنجي چَپ تي

ڪوتائون / مُڪيش تلوڪاڻي



آباد

اَسانجا ترنگا
تون سدائين،
ڦڙ ڦڙائيندو رهج
لهرائيندو رهج.
ڪاڻ لاءِ نڪر
۽، پاڻ لاءِ لانگ بخشج.
پلا، پنهنجن جي
کهڙي دل ۾!
تو سدائين
اَسانجا، سلام قبول ڪج
منڙيون ٻوليون ٻڌج،
اَنگل آرا سهج
اَسانجي شڪتيءَ ۽
ٻڌيءَ کي داد ڏج
تون سدا،
آباد رهج.

مِلڻ

اَچڻ تيئي
ته ملج.
هيڏيون ڳالهيون،
هي چيزون
ڪٿي سنڀاليان.
تون هٿ رکج
جيڪو وٽيئي،
سو تنهنجو.
سُوال نه پُڇج؟
ها.....،
تون ضرور.

جيئي پئي

گهڙيال جي
گهنڊن بعد
لَٽ جي ٽڪ - ٽڪا
وڏي چڪ



غزل / سربچند ڏُبي ’جگري‘

- ا -

ايمان بنا پُرندو ماڻهو،
ڦَٽ وانگر پيو ڪرندو ماڻهو.

پئسي جي خاطر ڏينهن رات،
اَن داٽي جيان سُرندو ماڻهو.

شيطاني ۽ پاپ ڪري پو،
بيک ديا جي گهرندو ماڻهو.

بنا سوارٿ پير نہ ڪٽندو،
ڪين ٻڳهو ٽي چرندو ماڻهو.

پاپَ پُڃن جو ليکو ڪندي،
کهڙي پُڙ ۾ تُرندو ماڻهو؟

Meera Palace,
Ambica Nagar,
Opp. Siddh Hanuman Mandir,
Behind S.T.,
JUNAGADH - 362 002

کويتا / سنگيتا ڪلواڻي
(نوان دستخط)

هيءَ پيڙهي

هي ٻار هن پيڙهيءَ سندا،
هي رشتا ڇا نڀائيندا.
ٻہ اکر ٻي سک سندا،
شايد ئي ڳالهائيندا.

١. سوچي اِهوئي ماءُ، سيکاريو اُڏڻ ٻارن کي،
تہ موٽي هو اَچي ڪنهن ڏينهن، اڱڻ سندس وسائيندا.

٢. خوشين جو آب نيڻن منجهہ
ايندو ٻي تہ ڪٿان ايندو؟
ٿي ڳوڙها هنن اُگهيا جن جا،
سي ٻچڙا ڪين ئي رئاريندا.

٣. ستن جنمن جو رشتو پيو،
ٽٽي ستن ئي مهنن ۾
جن رشتن جو نہ مرم ڄاتو،
سي گرهستي ڇا نڀائيندا.

٤. سمجهي سگهندين تنهن ڏينهن تون
سچ پچ سنيہ جو ناتو،
جڏهن لڙڪ هُنجي اکڙين جا،
تنهنجا نيڻ ڳاڙيندا.

٥. نہ هارج تون ڪڏهن همت،
رکجانءِ دل دکيءَ ۾ تون،
پسينا تنهنجي ڪوشش جا، آخر رنگ لائيندا.



ڪند ڪٽندي
اَدائي .....؟، نہ 65!؟.
اکيون ڇت ۾......
اَڇا...
بم بارود بر ۾.
اَڇا، اَدائي!
ڪڪڙ جي ٻانگ بعد
رام سمرڻ،
پرڀات ميري من.
او.....
اَڇا.....
جيئي پئي.

سوُر

سڄي رات
سوُر ڪائي،
اَسرُ تئي ٻارُ ڄڻي.
ڪلاڪ بعد
سوچي، لوچي،
دل گهريو نالو رکيس.
خوش ٿئي
مَندُ مَندُ مسڪرائي.

سڄ ٻاڪ ڪڍي
اَنمول ڪي
سيني سان لڳائي
اَکيان وڌي.
ڪو، سُوال ڪري؟
ڪنهنکي پاڻ ٻڌائي!
لولي ڳائي
ڪوڏاٽا ٻڌائي
نڪ پٽيس
ٻُچڪار ڏئيس.
وري شام ٿئي، سڄ لهي
آسمانُ رنگ مٽي
پنهنجيءَ ٻَر ۾ سمهاريس
ورِي، سڄي رات
سور ڪائي.

41, Sindhu Varsha Foundation,
Adipur - (Kutch) - 370205



بنسي خوبچنداڻي

پورو نالو : بنسي سدورومل خوبچنداڻي

جنم : 10 ڊسمبر 1943،
3 سپٽمبر 1943 (اسڪول رڪارڊ ۾)

جنم آستان : سکر (سنڌ)

تعليم : ايم. اي.، ايل. ايل. بي.، سي. اي.، آءِ. آءِ. بي.

پيشو : رٽائرڊ بئنڪ آفيسر

ڇپيل ڪتاب : سنڌي

١. ماضيءَ جي گسڪڻ تي (11 ڪهاڻيون -1982)

٢. پڇي ويل زندگي (10 ڪهاڻيون -1989)

٣. موت (12 ڪهاڻيون -2003)

۴. آڱرن جي سُرهاڻ (36 ڪتابي سمالوچنائون -2009)

هندي :

١. رِشتون ڪي گُباري (ترجمان وڪرم شهاڻي) (15 ڪهاڻيون - 2011)

انعام آرميڪ (پٽي) پاران 1981 ۾ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾ انعام.
NCPSL طرفان آڱرن جي سُرهاڻ (2009)
تي سال 2010-11 لاءِ

سرنامو : B/603, wordland, Near Ashlok Academy,
Lokhandwala Complex,
Andheri (W) Mumbai - 400053
Tel : (022) 26350680, Mb : 9869359266

ماڻهو

کهڙا کهڙا آهن ماڻهوُ
ڪي ڪلندڙ ڪي رئندڙ ماڻهوُ

ڪين ٺهندا آهن پاڻ ۾،
جهيڙا جهڳڙا ڪندڙ ماڻهوُ.

جيون پل پل پياري آهي،
آهن موت کان ڊڄندڙ ماڻهوُ.

سمو سچو آ ڪسڻ چنڻ جو،
هڪٻئي سان هِن وڙهندڙ ماڻهوُ.

واعدو آهي سني راڄ جو،
تہ بہ ڏس رئندڙ لٽندڙ ماڻهوُ

ڀٽڪي ڀٽڪي ٽڪي پون ٿا،
وڌيون خواهشوُن رکندڙ ماڻهوُ.

Ward 4A / Plot No. 164-165,
Bhagya Laxmi Society,
House No. 8, Adipur - 370205
Ph: 9427234589

مونکي سڀ ياد آهن
پر
پنهنجي ننڍڙي روئندڙ ڏوهٽيءَ کي
ڪُلهي تي نچائيندي
سندس ڪنن ۾
'چُڪ چُڪ' جا آواز ڪندي
کيس چپ ڪرائڻ ۽ سُمهارڻ جو سُک
ها، اهو سک !
بس، اهو سک !!

B/603, wordland, Near Ashlok Academy,
Lokhandwala Complex,
Andheri (W) Mumbai - 400053
Tel : (022) 26350680, M b : 9869359266

Declaration Regarding Ownership & Other Details

for 'Sindhology' Bulletin

FORM IV (Rule 8)

1. Place of Publication	:	**Indian Institute of Sindhology** Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur - 370205
2. Periodicity of Publication	:	Quarterly
3. Name of Printer	:	Shri Lakhmi Khilani, Director,
& Publisher	:	Indian Institute of Sindhology
Nationality	:	Indian
Address	:	6, Maleer, Ward 4A/Plot 12 to 14 Adipur - 370205
4. Name of Editor	:	Shri Lakhmi Khilani
Nationality	:	Indian
Address	:	6, Maleer, Ward 4A/Plot 12 to 14 Adipur - 370205
5. Owner of the Publication	:	**Indian Institute of Sindhology** Adipur - (Kutch) 370205

I, Shri Lakhmi Khilani, declare that the details given above are true to the best of my knowledge and belief.

Dated : 01-03-2013 Sd/- **Lakhmi Khilani**

PUBLISHER



ڪويتا / بنسي خوبچنداڻي

’اُهو سُک‘

اَڄ اُڏامي ٿو منهنجو من
اُنهن سُکن ڏانهن
جن
منهنجي گود ۾ نچيو آهي ڪُڏيو آهي

نائگرا ۽ جوگ فالس جا نظارا
برندابن ۽ مُغل گارڊنس
ماٿيران جون واديون ۽ پئنورما پوائنٽ
دل ليڪ ۽ سون مرگ
بدريناٿ ۽ ڪيدارناٿ
گنگوتري ۽ جمنوتري
۽ ها
گلن جي وادي (Valley of Flowers) ۽ هيم ڪُنڊ صاحب
سرينگر کان بنارس ڏانهن ويندي
هوائي سفر ڪندي سونيون برف جون چوٽيون
جنيوا ليڪ ۽ پوکرا ڍنڍ
مسائي مارا ۽ گجرات جو گر نئشنل پارڪ
رشيڪيش ۽ ڀاڳيرٿيءَ ۾
ڪيل صُبح جو سنان
ايليزابيٿ ٽيلر ۽ مڌوبالاجي سونهن
گولگپا ۽ ڪُلفي قلودي کائڻ جو سُواد
پنهنجي ساٿيءَ سان ماڻيل
پيار جو سُک

خرچڻا پيا هئا ۽ پيڻ جي شاديءَ کان پوءِ ڪيس اَٺ ڏينهن ننڊ نہ آئي هئي! هو سوچيندو رهيو تہ ڪيس ڇا ملندو. هو ڇو ڪمزور ٿي ويو ۽ پنهنجي پونجي لٽايائين؟

پنهنجي زال سُريکا جي زوربار تي هن ساليءَ جي پٽ جي شاديءَ ۾ سٺ هزارن جو سونو هار سوکڙيءَ ۾ ڏنو. اُنهن سٺ هزارن سندس من تي سٺ دفعا هٿوڙا ضرور هنيا هوندا ! ڀلا هُن ڪي اِن مان ڇا ملندو؟ سندس پٽ سڌو تہ اَڃا ڏهن سالن جو ئي آهي. ڪيس شادي ڪرڻ ۾ بہ گهٽائي سال پيا آهن.

سندس زال ڪيس گهڻن سالن کان چوندي آهي تہ دُبئي ۽ سينگاپور مان گهمي اَچون. هن جون سڀ ساهيڙيون گهمي آيون آهن. هو زال کان اُهو ئي پُڇندو آهي تہ سينگاپور دُبئي گهمي تہ اَچون پر پنج لک خرچ تہ واه جو ٿيندو. اُن گهمڻ مان ڪين ملندو ڇا؟

اِئين تہ هو ڏياريءَ تي پنهنجي نوڪرن کي بونس ۽ بخشيش ڏيندي بہ ڪُرڪندو آهي. پر ڏيڻو تہ ڪيس پوندو ئي آهي جو ڪپڙي بزار جو اِهو رواج آهي. هو ڏياريءَ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ۽ ڪجهہ ڏينهن پوءِ حساب ڪتاب ڪندي ئي دکي ٿيندو آهي تہ نيٺ ڪيس ڇا مليو؟

اُن ڏينهن آرتوار هو ۽ ڪپڙي بزار بند هئي. رامچند پنهنجي پياري زال کي چيو تہ هل تہ پُٽ کي وٺي پوائي ليڪ گارڊن جو چڪر ڏيئي اَچون. سندس پٽ تہ هلڻ کان نابري واري ۽ بئٽ بال کڻي ڪرڪيٽ کيڏڻ هليو ويو. سندس زال پنهنجي گهوٽ جي ڪُلهي تي هٿ رکيو چيو، 'پوائي گارڊن نٽا هلون. پاسي واري هال ۾ اڄ سواميجيءَ جو پروچن آهي. ڪملا بہ گهوٽ سان اُتي اَچي رهي آهي. هلو تہ اَسان بہ پروچن ٻُڌڻ هلون.'

سو رامچند اِئين پنهنجي گهرواريءَ جي زورڀرڻ تي ڪيس وٺي پروچن ٻڌڻ پهچي ويو. پروچن شروع ٿي ويو هو ۽ سواميجي سيني کان پڇي رهيا هئا 'توهان مونکي ٻڌائي سگهندا تہ پنهنجي ديس جي ڪهڙين هستين کي توهان سالن کان، صدين کان ياد ڪندا آهيو؟' ٻڌندڙن ڪيترائي نالا ٻڌايا

ڪهاڻي / بنسي خوبچنداڻي



ڏيڻ - وٺڻ

سيٺ رامچند، عمر ۴۴ سال، ٻڌي ڪپڙي جو واپاري آهي. ممبئيءَ جي ڪالباديويءَ ۾ سندس پيڍي آهي، جتي ڪُل ۱۱ ڄڻا سيٺ جي هيٺان ڪم ڪندا آهن.

سيٺ رامچند هڪ سکيو ستابو اِنسان آهي. هڪ پياري زال سُريکا، هڪ ڏهن سالن جو پيارو پٽ سڌارٿ يعني سِڌوءَ سان هو ممبئيءَ جي مشهور ايراضي هيرانندآڻي ڪامپليڪس، پوائيءَ ۾ ٽن رومن جي هڪ عاليشان فليٽ ۾ رهندو آهي، جنهن ۾ اَڄ جا سڀ سک سهنج موجود آهن.

ڪپڙي جو ڌنڌو تہ هوُ ڪولهاپور جي نرواسي ڪالوني گانڌينگر ۾ سکيو جتي هو ڄائو ۽ وڏو ٿيو. هن جا ماءُ پيءُ اَڃا گانڌينگر نرواسي ڪالونيءَ ۾ رهندا آهن، پر هو وڏيون ٻرانگهون ڀريندو ممبئيءَ پهچي ويو آهي. هو هاڻي گانڌينگر جي نرواسي زندگيءَ کي وسارڻ چاهيندو آهي پر اُهي يادون وري وري ڪولهاپور مان اُڏامنديون سيٺ رامچند کي جهنجهوڙينديون آهن!

ها، مون چيو سيٺ سکيو ستابو آهي، پر ڇا هو خوش آهي؟ هو پاڻ کان اِهو سوال پڇندو ئي رهندو آهي. ڇا هو خوش آهي؟ هُنجي ناخوشيءَ جو سڀ کان وڏو ڪارڻ آهي، ڏيڻ جو ڏُک! پهرين تہ هو ڪنهنکي ڪجهہ ڏيڻ ئي نہ چاهيندو آهي، پرجي حالتن کيس مجبور ڪيو ڪجهہ ڏيڻ لاءِ تہ هن جو من بيچين ٿي ويندو آهي. هو سوچيندو آهي اُن ڏيڻ مان کيس ڇا ملندو؟ پنهنجي ڀيڻ جي شاديءَ تي کيس ماءُ پيءُ جي زور بار ڪري پورا اَٺ لک

تلسيداس جي رام چرت مانس مان ڪي دوها ٻڌايا ۽ ٻڌندڙن کي آنند ونايو.
پروچن بعد سيٺ رامچند زال سان گهر واپس اچي ويو آهي، پر هو مُنجهيل مُنجهيل ٿو لڳي. سندس گهر واري به ڪيس ورجائي رهي آهي، 'ٻڌوَ سواميجيءَ جو پروچن ته ٻين کي ڏيڻ ۾ ڪيترو سک آهي. دان ڪرڻ جي ڪيتري مهما آهي. توهان ته هميشه ڏيڻ کان وٺڻ جي چنتا ۾ هوندا آهيو. ڪنهنکي ڪجهه ڏنوَ ته بس حساب ڪرڻ ۾ ئي پورا هوندا آهيو. منهنجي پاڻيجيءَ جي شاديءَ ۾ هارسوکڙي ڏيئي ڪيترو نه دکي ٿي ويوَ. چو نه توهان به ڏيڻ جي خوشي ماڻيو. پوءِ ٻيا ماڻهو به توهانکي ضرور ياد ڪندا.'
رامچند سُريکا کي ڪو جواب نه ڏنو. کيس اُن رات ننڊ به پوري نه آئي. هو سوچيندو رهيو ته وٺڻ کان، ڏيڻ ۾ سک ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟
سچي زندگي ته هُن وٺڻ ۾ ئي سک پاتو آهي. جڏهن به مجبوريءَ ۾ ڪجهه ڏنو آهي ته دک ئي دک پاتو آهي. ڏيڻ ۾ ته دک. ئي دک آهي. سُک ڪٿان آيو؟
پر سواميجي به ته ڪوڙ نه ڳالهائيندو هوندو نه؟ اَڙي هو ته شري ڪرشن ڀڳوان جي وياکيا ڪري رهيو هئو. ڀلا ڪرشن ڀڳوان ڪيئن ڪوڙ ڳالهائيندو؟
کيس ڳالهه سمجهه ۾ ته نه آئي پر سُمهندي سُمهندي ويچار ڪيائين ته مان به پاڻ کي ضرور آزمائيندس ته ڇا ڏيڻ ۾ ڪڏهن سک ملندو آهي.
ٻئي ڏينهن سومر جو ڏينهن هئو. اُن ڏينهن ئي کيس پاڻکي آزمائڻ جو موقعو ملي ويو. اُن ڏينهن پيڍيءَ تي ڪم ڪندڙ هڪ ملازم، مئنيجر سان گڏ سندس ڪئبن ۾ گهڙي آيو. سيٺ کانئس پڇيو، 'اَرجن اَڄ ڇا ڇوٽو اَٿيئي؟'
اَرجن ٻئي هٿ ٻڌي سيٺ کي چيو، 'سائين منهنجي پيءُ کي ڪالهه هارٽ اٽئڪ آيو آهي ۽ ماهيم واريءَ هندوجا اِسپتال ۾ کيس Intensive Care ۾ رکيو اَٿائون. دل جي آپريشن ڪرڻي پوندي ۽ آپريشن لاءِ مونکي ٻه لک روپيا جمع ڪرائڻ لاءِ چيو اَٿائون. مان پنهنجي جمع پونجيءَ مان ۽ زال جي زيورن کي گروي رکي ڪل هڪ لک ئي گڏ ڪري سگهيو آهيان. توهان وٽ مدد لاءِ آيو

جن مان مکيہ هئا، ڀڳوان ٻڌ، سوامي وويڪانند، مهاتما گانڌي، ٻال گنگاڌر
تلڪ، جواهرلال نهرو، سڀاش چندر بوس، لال بهادر شاستري ۽ ڀڳت سنگهہ.
سيٺ رامچند بہ زور سان رڙ ڪئي، ’سوامي جي، هيمون ڪالاڻي.‘

سواميجي ٿورو وقت شانت رهيو. پوءِ ٻڌندڙن کان پڇيائين، ’ڀلا ٻڌايو تہ
توهان هنن هستين کي ڇو ٿا ياد ڪيو؟جيڪو ٻڌائڻ چاهي اُهو هٿ مٿي
ڪري ۽ هڪ هڪ ٿي ٻڌائي.‘

ڪيئي هٿ مٿي کڄيا ۽ حاضرين مان آواز اچڻ لڳا تہ هو اُنهن مهاپرشن
کي ياد ڪندا آهن جو هنن پنهنجي سکي زندگي تياڳي، ديش جي سيوا
ڪئي ۽ پنهنجي تن ۽ من جي قرباني ڏني. سيٺ رامچند بہ ڏاڍي جوش
مان هٿ مٿي ڪري چيو تہ هيمون ڪالاڻي تہ ڪچي عمر ۾ ئي ديش تان
پنهنجي جان بہ نڇاور ڪئي.

سواميجي وري ٿوري دير شانت ٿي ويو ۽ هال ۾ بہ شانت جو واسو هو. وري
سواميجيءَ چيو، ’ڏسو پيارا ڏيڻ ۾ ڪيڏو نہ سُک آهي. توهان سڀ هنن
مهاپرشن کي ياد ٿا ڪيو جو هنن توهان کي ڪجهہ ڏنو آهي. هنن پنهنجي
وقت جو دان ڪيو، محنت جو دان ڪيو، پئسي جو دان ڪيو، ڏکن سهڻ جو
دان ڪيو، ۽ ڪيترن تہ پنهنجي زندگيءَ جو بہ دان ڪيو جئن ٻيا سُکي رهي
سگهن، آزاد رهي سگهن. اِئين هنن جي ڏيڻ اَهڙو رنگ لاتو جو هو توهانکي
سالن کان ۽ صدين کان ياد آهن ۽ ياد رهندا.‘

سواميجي وري ٿوري دير شانت ۾ رهيو ۽ پوءِ چيائين، ’توهان شري رام جو
نالو تہ نہ ورتو پر مونکي پڪ آهي تہ هو توهانکي هردم ياد آهي. توهان شري رام
کي هميشہ ياد ڪيو ٿا، پوڇيو ٿا، ڇو؟ هن پنهنجي پيءُ جي ڏنل وچن جي
لاج رکڻ لاءِ تخت تاج جو تياڳ ڪيو، محلاتن جي سکن جو تياڳ ڪيو ۽
جهنگلن ۾ رهڻ جي زندگي قبولي. شري رام جي اِها قرباني ڪو وساريندو؟‘

پوءِ سواميجيءَ گيتا جا ڪي شِلوڪ چوندي اُهي سُر ۾ ڳايا ۽ شري ڪرشن
ڀڳوان جي چيل دان جي مهما جو بکان ڪيو. شري رام جي ياد ۾ بہ گوسوامي

پنو اُچلڻ تي ئي آهي تہ سندس نظر اخبار ۾ ڏنل هڪ ليک تي پوي :-

’من جون ڳالهيون‘

ليک ؛ ڊاڪٽر ڪرشن پرساد، سئڪالجسٽ. اخبار جو پنو تہ پڪوڙن جي تيل ۽ هيڊ ۾ ٻڏل آهي ۽ هيئنان ڦاٽل بہ آهي. پر ڏهن بہ اکر صاف آهن ۽ رامچند ليک پڙهڻ ٿو لڳي. ليک پڙهي ليک جو تاتپرج سمجهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.

ليک جو تاتپرج :- اِنسان جو من ننڍپڻ ۾ ئي، پنجن يا ڇهن سالن جي عمر تائين - گهڻيون ڳالهيون سکي ٿو وٺي. اُهي ننڍپڻ ۾ سکيل ڳالهيون سندس اندرئين من (Inner Mind) ۾ جمع ٿي وڃن ٿيون ۽ اُنهن ننڍپڻ ۾ سکيل ڳالهين مان اِنسان جي زندگي جيئڻ جا پروگرام تيار ٿي وڃن ٿا، جئن ڪوڙ ڳالهائڻ جو پروگرام يا سچ ڳالهائڻ جو پروگرام؛ وغيره وغيره.

اُهي پروگرام سڄي زندگي اسانجي اندرئين من ۾ گهر ڪري وينا آهن ۽ اِنسان پنهنجي زندگي اُنهن پروگرامن کي ئي هلائي جي رهيو آهي. اَسان چاهيون بہ تہ اُنهن پروگرامن کي بدلائي نٿا سگهون ڇو جو اَسان پنهنجي اندرئين من تائين پهچي ئي نٿا سگهون! ها اِها ڳالهہ اسان ڪري سگهون ٿا تہ پنهنجي ٻاهرئين سُڄاڻ من (outer Mind) کي سمجهائي، اَسان اُهي ڪم وري وري ڪيون جي اسانجي زندگيءَ لاءِ سٺا آهن ۽ جي اسانکي زندگيءَ ۾ سُک پهچائن ٿا. اِئين گهڻا دفعا ساڳيو ڪم ڪرڻ سان، اُن جو بہ هڪ پروگرام ٺهي پوندو ۽ اُهو بہ اسانجي اندرئين من ۾ ٻين پروگرامن سان جمع ٿي ويندو. اسان اُن نقصان واري پروگرام کي هلائڻ بند ڪيون ۽ سٺو پروگرام هلائڻ سکون تہ اَسان جي زندگي ٺهي پوندي؟

سيٺ رامچند سوچ ۾ آهي. هو پنهنجي ننڍپڻ کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. هو پنهنجي ڏاڏيءَ سان ڏاڍو هريل هو. سندس ڏاڏيءَ کيس ڏاڍو پيار ڏنو. پر هن کي ڪنهنکي بہ ڪجهہ ڏيڻ بلڪل نہ وڻندو هو ۽ هوءَ ڏکي ٿي ويندي هئي. کيس ڪجهہ ملندو هو تہ ڏاڍو خوش ٿيندي هئي ۽ کيس پيار ڪرڻ لڳندي هئي. اِئين لڳي ٿو تہ ننڍپڻ ۾ سيکاريل سندس ڏاڏيءَ جا

آهيان. توهان مونکي هڪ لک جي مدد ڪندا تہ منهنجي پيءُ جو سياڻي آپريشن ٿي سگهندو ۽ سندس جان بچي پوندي.‘ اِئين چئي اَرجن منهن هيٺ ڪري بيٺو رهيو.

رامچند جا تہ تاڪ لڳي ويا. من ۾ حساب ڪرڻ لڳو تہ هڪ لک ڪمائڻ لاءِ هنکي ڪيتري نہ محنت ڪرڻي پيئي آهي ۽ جي هو اَرجن کي هڪ لک روپيا ڏيندو تہ ڪيس ڇا ملندو؟

پر سندس من کي وري هڪ جهٽڪو لڳو ۽ ڪالهہ ٻڌل سواميجيءَ جو پروچن ياد آيس تہ ڪجهہ ڏيڻ سان، دان ڪرڻ سان توهانکي سک ملندو. پنهنجي زال سريڪا جا بہ اکر ياد آيس ’توهان سڄي زندگي ڏيڻ وٺڻ جي حساب ۾ ئي گذاري ڇڏي آهي. هاڻي تہ ڏيڻ سکو.‘ ڪالهہ پاڻ بہ تہ من ۾ ويچار ڪيو هئائين تہ ماڻ پاڻ کي آزمائيندس تہ ڏيڻ ۾ بہ سُک آهي ڇا؟

اِئين پنهنجي من کي سمجهائيندي سيٺ رامچند اُٿي تجوڙي کولي ۽ هڪ لک روپيا ڪڍي پنهنجي ملازم کي ڏنا. مئنيجر جو تہ چهرو ئي نڙي پيو ۽ اَرجن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ هو رامچند جي پيرن تي ڪري پيو.

سيٺ رامچند هڪ لک روپيا تہ ڏنا پر سندس سُک ڦٽي پيو. ٽي چار دفعا تجوڙي کولي پيسا ڳڻيائين. زال کي فون ڪري سڄي ڳالهہ ٻڌايائين ۽ کانئس پڇيائين، ’سريڪا تون تہ هاڻي خوش آهين نہ؟‘ پوءِ جواب ٻڌڻ کان سواءِ ئي فون رکي ڇڏيائين.

گهر ماني‌ءَ جو ٽفن اَچي ويو آهي. هو ٽفن کولي ماني کائڻ ٿو وهي. ٽفن جي مٿين ٻن پُڙن ۾ ڀاڄي ۽ ٽي ڦلڪا آهن. هو روز تہ ٽي ڦلڪا کائيندو آهي پر اڄ من جي بيچئنيءَ ڪري هڪ ڦلڪو ئي ٿو کائي. کائيندي کائيندي بہ هو سوچي رهيو آهي تہ جي ڏيڻ ۾ سک آهي تہ اڄ هو سکي ڇو نہ آهي؟ سواميجيءَ شايد سچ ڪونہ چيو آهي؟

ٽفن جي هيٺئين پُڙ ۾ اخبار جي هڪ پني ۾ ويڙهيل ڪيس سوادي پڪوڙا ٿا ملن. هن کي بصرن جا پڪوڙا ڏاڍا وڻندا آهن. پڪوڙا ٽفن ۾ ڪڍي اخبار جو

مِني ڪهاڻي / ليکراج پرڀاڻي

مول ليکڪ :آچاريہ وجيہ راج رتن سُري

ماءُ

نندڙي پُٽ جي سهاري، ويران رڻ جهڙي زندگي ڪاٽڻ لاءِ مجبور ٿيل وڌوا ماءُ، ڪيترين ئي آفتون ۽ مصيبتون سهندي، اڪيلي سِرهِن پُٽ کي پاليو، پڙهايو ۽ پرڻايو. اُميد هئس تہ هاڻي ڏکيا ڏينهن ڪٽجي ويندا ۽ وري سکيو سمو واپس موٽي ايندو، پر ويچاري ماءُ! هن کي ڪهڙي خبر هئي تہ سکين ڏينهن بدران حالت هيڪاري وڌيڪ بدتر ٿيندي!!

نوُنهن کي ڏرمي ۽ پراڻن ويچارن واري سَسُ ڏِٺي نٿي وڻي. الڳ الڳ ڪارڻن سبب گهر ۾ روز روز گهپي ٿيڻ لڳي. ماءُ جي ڏکيائي اها هئي جو زال جي نظرسان ڏسندڙ ۽ زال جي دماغ سان ئي سوچيندڙ پُٽ هرڪتاڻ لاءِ ماءُ کي ئي ذميوار سمجهي ڪيس چڙٻيندو رهندو هئو. ڪڏهن گهرو ڪم ڪار ۾ ڪِٽ پِٽ تہ ڪڏهن پراڻن ويچارن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ سبب ڪِل ڪِل. ماءُ هنن ٻالهين کي پيڙهيءَ جو متڀيد (Generation Gap) سمجهي درگذر ڪندي رهندي هئي.

پر جيئن جيئن هو ڏِل ڏيڻ لڳي تہ سامهون کان ڏاڍو هيڪاري وڌيڪ چڪجڻ لڳو. جاڻي واڻي پريشان ڪرڻ واريون گهٽنائون وڌيڪ گهٽجڻ لڳيون. ڪڏهن اَٺوٺندڙ ۽ بي سوادي تہ ڪڏهن ٿڌي روٽي ملڻ لڳي پر وڌيڪ ڪِٽ پِٽ ٽارڻ خاطر ماءُ اَڏ ٻڪي رهي سمهي پوندي هئي ۽ اڪيلي ڪند پاسيرو ڳوڙها ڳاڙيندي رهندي هئي.

اهو سڀ درگذر ڪرڻ کان پوءِ بہ ماءُ جي بدقسمتي گهٽ نہ ٿي ۽ هڪ نياڳي ڏينهن پُٽ ۽ نوُنهن هڪ طرفو فيصلو ڪري ورتو تہ ٻنهي پاسي شانتي قائم ٿئي ان لاءِ ماءُ کي ڪنهن ٻُڍا آشرم ۾ ڇڏي اَچجي! ماءُ مجبور هئي، هن جي دانهن ڪوُڪن ۽ منٿن کي ڪو بہ داد ڏيڻ وارو ڪونہ هئو. خود پُٽ ماءُ کي ٻُڍا آشرم ۾ پهچائي آيو. جدا ٿيڻ وقت بہ چار متاڇرا ۽

پروگرام سندس اندرئين من ۾ جمع آهن ۽ اُهي ئي سندس زندگي هلائي رهيا
آهن. اڙي! ائين تہ نہ آهي تہ ڏيڻ ۾ جڏهن هنکي دک ٿي رهيو آهي نہ سچ
پچ سندس اندر ۾ وينل ڏاڏي دُکي ٿي رهي آهي؟


هن هيڊ ۽ تيل ۾ ٻُڏل اُهو ليک وري پڙهيو ۽ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو،
'منهنجي پياري ڏاڏي تو مونکي ننڍپڻ ۾ ڀرپور پيار ڏنو، تنهنکري ئي تہ
مان توکي هردم ياد ڪندو آهيان! پر تو جيڪو مونکي هي ڪجهہ ڏيڻ وقت
دکي ٿيڻ جو پروگرام ڏنو آهي، اُن منهنجي خوشي کسي ورتي آهي. اهو پروگرام
مان توکي موٽائي ٿو ڏيان. مان پاڻ پنهنجي سڄاڳ من سان هڪ ٻيو پروگرام
ٺاهيندس، جنهن ۾ مونکي حقدار ۽ سُٺن ماڻهن کي ڪجهہ ڏيڻ ۾ سُک
ملي. ائين ٻيا ماڻهو بہ مونکي ياد ڪندا جئن مان توکي ياد ڪندو آهيان.

سيٺ رامچند کي اُن هيڊ ۽ تيل ۾ ٻڏل پني ۾ روشني ڏسڻ ۾ آئي ۽ هن اُهو
پنو تجوڙيءَ ۾ سنڀالي رکيو، ۽ پوءِ پنهنجي مئنيجر کي سڏائي چيائين،
'گيانچند، ارجن جي پيءُ جو آپريشن سياڻي آهي نہ؟ اسان سياڻي شام جو
هنن سان گڏجڻ هاسپيٽل هلنداسين. مان پاڻ سان پنجويهہ هزار بہ کڻي
هلندس. کيس پيسي جي تہ گهرج پوندي ئي نہ.'

مئنيجر گيانچند جو منهن خوشيءَ جي آثارن سان ڀرجي ويو. هو سيٺ کي
ڪجهہ چئي ئي نہ سگهيو ۽ واپس وڃڻ لڳو تہ وري سيٺ جو آواز ٻڌائين،
'گيانچند هيڏي تہ اَچ. منهنجي گهر واريءَ هي سوادي ٻصرن جا
پڪوڙا ٽفن ۾ موڪليا آهن. ٿورا تون بہ کائي وڃُ.

گيانچند سيٺ ڏانهن واپس مڙي ٿو تہ سندس منهن کليل ئي آهي. اِها
مونکي خبر ڪونهي تہ سندس منهن عجب وچان کليل آهي يا سوادي
پڪوڙا کائڻ لاءِ!

B/603, Woodland,
Near Ashok Academy,
Lokhandwala Complex,
Andheri (W) Mumbai - 400053



هڪ ياد/ هري همٿاڻي

يادن جي ڪنڌر ۾

C.H.D. ڪالي مندر ۾ توبهہ جي پيڙ هئي. ڪلڪتي جو جڳ پرسڌ مندر طرفان ۱۹۹۲ ۾ آل انڊيا ليول تي ساهتڪ سيمينار هو. چاليهارو ڪن ليکڪ ۽ ڪي ٻاڻ ڀٽيون ليکڪائون. هڪ ڏينهن خاص گهمڻ لاءِ رکيو ويو هو. مونکن جي لانڊ هئي. ڪي وڏيون، ڪي وچوليون تہ ننڍيون بہ. دل ٽپا ٽي ڏنا. ڪلڪتو هندستان جو نڪ نگر. رابيندرناٿ ٽئگور ۽ شرت چندر جو نگر ۽ نچاڻ کهڙين اعليٰ هستين جو. جن جي نالي ٻُنهڻ سان سِرُ جهڪي ٿو وڃي. درگا ڏاوراڻي اسان سان گڏ هئي تنهن ڪري ئي V.I.P گيٽ کان اسين اندر وڃي سگهيا هئاسين. بلڪل ڪالي ماتا جي مورتيءَ اڳيان بيٺا هئاسين. پربيهڻ ڪٽي تي ڏنائون. هل هلن، ڌِڪ ڌِڪان، پيرَ پيرن ڪي چيپاٽي رهيا هئا. سرير جي سمڪ ڪانہ. ڪيئن ڌِڪجي ٻاهر نڪتاسين جڻ جادوئي کيل هو. ٻاهرينءَ هوا ۾ ساهہ کڻڻ سان جان ۾ جان آئي هئي. لڳو هو، هڪ جهان مان نڪري ٻئي جهان ۾ آيا آهيون.

درگا ڏاوراڻيءَ جو ڳچ سالن کان ساهتڪ ۽ سماجڪ سرگرمين سان بي جوڙ لڳاءُ پي رهيو آهي. هڪ سدا بهار شخصيت، دل پيار سان ٽمٽار. ڪلڪتي ۾ مشڪل ڪو باشندو سندس نالي کان غير واقف هوندو. مونکي پنهنجي گهر ۾ رهايو هئائين. سندس پنهنجائپ مان قيام پلجي ڪونہ سگهندس. رات جو ٻارهين کان پوءِ ڏينهن بدلبو آهي پر اسانکي سمڪ نہ پوندي هئي تہ ڪيڏي مهل ڏينهن بدلجي ويو! سنيهہ ڪي پنهنجو هڪ مختلف رنگ آهي.

ڪالي مندر مان نڪري اسان پرڪرما ڏني. هڪ هنڌ ماتا تي ٻڪرن جي بَل چاڙهي پئي ويئي. بک چاڙهڻ بابت ٻڌو هوم پر ڏسي پهريون دفعو رهيو هوس. مونسان گڏ پاسي ۾ وِشوُ بيلاٽي بہ هئي. ٻڪري جي ڳچي ٻن پنجوڙن ۾ قابوُ. اَچانڪ اُس ۾ تجلا ڏيندڙ ڪاتُ، جڏهن زور مان ٻڪري جي ڳچيءَ تي نڪاءُ ٿيو تہ ڳچي ڌڙ کان ڌار، رت ريلا ٿي وهڻ لڳو. وِشوُ دهشت جهلي نہ

هيڏانهن هوڏانهن وارا ڪجهه اکر چئي هليو ويو ڄڻ مس مس ڪا جند ڇڏي هجيس ...... ماءُ سڀ سمجهي پيئي پر هن هڪ حرف به واتان نه اُچاريو ۽ نه پُٽ لاءِ ڪجهه بُرو ئي سوچيو.

ڏينهن ...... مهينا .... ۽ لڳ ڀڳ هڪ سال پورو ٿيڻ تي آيو. پٽ جو انهيءَ وچ ۾ ڪڏهن درشن نه ٿيو پر ڪڏهن ڪڏهن فون تي ائين ئي ڳڏجندو رهندو هئو.

هڪ رات ..... ماءُ کي ننڊ نٿي آئي .... پراڻيون يادگيريون ..... پُٽ لاءِ ڪاٽيل ڏکيا ڏينهن ۽ پُٽ طرفان ڪيل ظاهر ظهور گهڻتايون ..... اهو سڀ ياد ڪندي هُنجون هاري رهي هئي. اڌ ڪن ڪلاڪ کان پوءِ من ڪجهه هلڪو ٿيس ۽ مُنهن ڌوئڻ لاءِ هن اُٿي بتي ٻاري. سندس نظرِيت تي ٽنگيل ڪئلينڊر ۽ گهڙيال طرف ويئي. تاريخ ۽ وقت ڏسندي ئي هوءَ پنهنجي جذبات تي ضابطو نه رکي سگهي. هن ترت ئي روم ۾ رکيل ٽيليفون جي پرسان وڃي پُٽ جو نمبر ملايو .... رات جا ٽي وڳا هئا. اڌوگابري ننڊ مان اُٿيل پُٽ پڇيو - ڪير؟ ماءُ جواب ڏنو پٽ مان تنهنجي ماءُ، اڄ تنهنجي جنم جو ڏينهن آهي نه، انڪري توکي سيني کان پهرين آشيرواد ڏيڻ لاءِ مون ئي فون ڪيو آهي. پُٽ ڏمرندي چيو هيڏي مهل آشيرواد ڏيڻ جو 'ناٽڪ' ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ صبوح جو فون ڪرين ها نه؟؟ تنهنجون اَڙٻنگايون اَجا ڪونه گهٽيون آهن؟؟؟

ناٽڪ ۽ اَڙٻنگايون جهڙا اکر پُٽ جي واتان ٻڌي ماءُ کي گَهري چوٽ رسي ۽ فقط ايترو چئي سگهي ته پُٽ! ڳالهه هيئنءَ آهي ته اَڄ کان چويهه سال اڳ هن ئي رات، هن ئي مهل، سور سهندي سهندي مون توکي ڄڻيو هئو ۽ اهو نظارو ياد ايندي هنياءُ پيار ۽ ممتا سان ڇلڪي پيو هئو پُٽ ۽ ان ڪري مان پاڻ روڪي نه سگهيس ۽ هيڏي مهل ئي مون توکي فون ڪيو آهي پُٽ. تنهنجي رات جي ننڊ ۾ خلل پيو ۽ ان لاءِ توکي تڪليف ٿي هجي ته مون کي معاف ڪجانءِ باقي آشيرواد ته توکي مان هميشه ڏيندي رهنديس پُٽ.

1, Riddhi Avenue
B/H Lucky Appt.
Opp. ONGC, Makarpura Road,
Vadodara - 390009

ريڊيو روپڪ / گوورڌن ڀارتي



ڀرين وسي ٿو پار

سدا حيات

گوورڌن ڀارتيءَ جي

دستخطي خزاني مان - ڊولڻ راهي

(شروعات ۾ ڪجهه گهڙين لاءِ شهنائيءَ جو درديلو آلاپ ٻڌڻ اَچي ٿو جو ڌيري ڌيري سارنگيءَ جي سوز ڀريئي سُرَ ۾ سمائجي ٿو وڃي. نائڪا، جنهن جو وڻجارو گهوٽُ سالن کان ڏيساوَر ويل آهي، سرتين سامهون دل جا سوُر سلي رهيِ آهي)

نائڪا : - (درد ڀريو آلاپ ڪري)

مونکي هِتِ ماندي ڪري، ڀرينءَ وَسايو پارُ
سرتيون! ساجن رِيءَ سُڃو، آهه سڄو سنسار
پل پل منهنجو پيار، ٿو ساري ساموندِيءَ کي!

هڪ سَرتِي :-

ڇوُ ڪهڙي ڪارڻ ڪيا، تو ساموندِي سينَ؟
وڃندءِ روز وجود ۾، وڻجاري جا وينڻ،
نِتُ نِتُ تنهنجا نيڻَ، راهَ تڪي، رُئندا، سَڪيِ!

نائڪا :-

وڻجاري نہ وَريِ، سرتيوُن منهنجي سُڌ لڌيِ،
ساري ساموندِيءَ کي، پئڙا پَڃ پُڙيِ،
ويندي سُ آءٌ مري، اوسيڙيءَ آس ۾!

سگهي، مونسان چنبڙي پيئي. سڏڪا پري روئي جو روئي ڪا پيٽي نہ هئي
مان سندس پٺيءَ تي هٿ ڦيرڻ لڳس. مونکي اُهي ڪِن ياد آهن، ڪڏهن نہ
وسرندا. ڪيڏو نہ رُنو هئائين! هوءَ تڏهن وڏي نہ، ننڍڙو ٻار لڳي هئي. جيئن ٻ
ٻچڪاريون ڏيئي پرچائبو آهي، اُنجو ڏک پاڻ مٿان کڻي وٺبو آهي، منهنجي
حالت اُن وقت اِها هئي. ڪير روئي ٿو، رڙي ٿو، اَهڙي موقعي تي ڪير ٿو ڌيان
ڏئي؟ ڪو وقت وِشوُ مونسان چنبڙي رهي. ڏيري ڏيري سندس سڏڪن ۾ ماٺا
آئي. مون بہ کيس روئڻ لاءِ ڇڏي ڏنو هو جيئن هانءُ هلڪو ٿئيس. ٻيو ڪ
هجي، ها تہ شايد وِشوُ ساٿس اِئين نہ چنبڙي ها پر مان تہ سندس گهر جو ڀاتي
هوس. اَجمير ۾ اَسانجا سڏ پنڌ تي گهر هئا، هلي ايندي هئي. ڪونہ ڪ
ڪتاب پڙهڻ لاءِ کڻي ويندي. اُهو موٽائي ٻيو کڻي ويندي. اَهڙو پيارو، سٻاجهو
سياءُ مون ورلي ڪنهن ۾ ڏٺو هوندو.
هن جڏهن مون ڏانهن پنل نيڻ کڻي نهاريو هو تہ مان پاڻي پاڻي ٿي ويو
هوس، 'اِن قدر دل ننڍي ڪبي آهي وِشوُ؟'
سندس ڳلي ۾ اَٽڪيل سڏڪا، سِسڪين ۾ بدلجي ويا هئا. دل ۾ آيو سندس
ڳوڙها چمان. مون لاءِ تہ ٻارهئي پر ٻين لاءِ تہ نہ. چُمڻ تہ دوُر، هٿ وڌائي اُگهڻ
جي بہ همٿ نہ ٿيم. جڻ سڄو سنيهہ ڳيت ڏيئي پي ويو هجان. کيسي مان
رومال ڪڍي کيس ڏنم. سندس ننڍڙو رومال پُسي پُٽ ٿي ويو هو.
پوءِ بہ پرڪرما وارو باقي حصو مونکي هٿ کان جهلي هلي هئي. گوي
سندس ڏک کيس نپوڙي نستو ڪري ڇڏيو هو.
ٻاهرين ڳيٽ کان ٻاهر نڪرندي لڳو هوم هوا جا تيز جهونڪا وِشوءَ جي غ
کي ٽيڙي پڪيڙي رهيا هئا. اِئين ڏيري ڏيري سندس مُک منڊل تي اُها وچايل
کوهيل مُرڪ بہ موٽي پئي آئي، جيڪا ئي صحيح معنيٰ ۾ سندس اصلي
سڃاڻپ هئي.
ڪي ڪي يادون اَمرتا جو جام پيئندي پيئندي سدا لاءِ امر ٿي ويندي
آهن.

14, Tilok Nagar,
Ajmer - 305 001

(ڏرت ليہ ۾ ستار ۽ طبلي جي ڌن، جا ڪجھہ گھڙين بعد سمنڊ جي ڳجڪار ۽ ڪناري سان ٽڪرائيندڙ ڇولين جي آواز ۾ لين ٿي وڃي ٿي..... دور ڪان گھاٽ تي ماڻھن جي ڀيڙ جو شور.... ڪن بعد .... مرلي ۽ جي مڌر ڌن ۽ ملاح جو 'الوميان' وارو اوچو آلاپ .....)

نائڪا :- (ملاح جي آلاپ پوري ٿيڻ تي ھڪدم)

او مانجھي، او پاتڻي! منھنجو عرض اگھاء،

جيوين شال! جھاز ۾ ڏي مون مئي ۽ کي جاء،

مونکي پار پڄاء - جتن پسان پنھنجي پرين ۽ کي

مانجھي :-

جاء نہ آھہ جھاز ۾ ھوء ڪشتي آ خالي

منت ڪري ملاح کي، تي ۽ سيگھہ منجھان سوالي،

ڪنڌ ۽ وَڙُ والي - پھچي ويندين ۽ پار تون!

(ساز وڄن ٿا. ملاحَ ھونگار ۽ آلاپ سان گڏ غوراب ۽ ڪشتيون ڪاھين ٿا - غوراب ۽ ڪشتين جي اُپتي وڏڻ جو آواز.....)

ملاح :- (گڏجي) ھئيا ھو ھئيا ھئيا -

ھئيا ھو ھئيا ڙي ......

نائڪا :- (ٻائي ٿي)

او منھنجا مانجھي!

سِرَ تي سھڙي آ سانجھي،

ھل ڪشتي ڪاھي پار ڏي ....

ملاح :- ھئيا ھو ھئيا ھئيا،

ھئيا ھو ھئيا ڙي! ......

نائڪا :- پاروسي تو پريتم منھنجو، تن ۾ جنھن جي تات،

ملاح :- تن ۾ جنھن جي تات،

نائڪا :- ڪٿن ملنديس اُن محب مني سان، اٿم اِھا فڪرات،

ملاح :- اٿم اِھا فڪرات،

ٻي سرتيِ :-

وڻجاري سان نينهُن، پيئ! نہ پُلجي پيِ ڪجي،
رات وهامي لاڄ ۾ ڏولاوَن ۾ ڏينهُن،
نيڻ وسائن مينهُن، ساري سامونڊيءَ کي!

ٽيون سرتيِ :-

وئڙا جي هُتَ پارِ - سي نہ ڪڏهن واپس وريا،

ٻي سرتيِ :-

سي سَڀُ وچن وسار - جي وَرَ ها تو سان ڪيا!

نائڪا :- (سڏڪو ڀري)

جتِ منهنجو منٺار- آءٌ بہ اُتِ ويندس اَديون،
آڪيندس آزيِ ڪري :- 'ولها! ڪَرِ ويچارُ
ساجن! سوچ سهاڳ ريءَ ڪئن سُهندو سينگار،
سونهن بہ تو بِن سُور آ، آهہ جوانيِ بارُ
ڪرڪو پال پيتار! موتيِ هل تون ماڳ تي!'
(بادلن جي گجگوڙ......)

هڪ سرتيِ :- (اوچي آواز ۾)

نہ وڃ سرتيِ! نہ وڃ، ڪُجھہ سوچ، ساوڻ جو مهينو آ،
اُڇل ڏيئي، اُٿل ڪائي رهيو ساگر جو سينو آ،
(بادلن جي گجگوڙ)

ٻي سرتيِ :- سکي! ڏس شام اوڏي آ، سگهو ئي رات اَچڻي آ،
نہ وڃ شايد اُتر کان اوچتي برسات اَچڻي آ.

نائڪا :-

سڻو سرتيون! سڄڻ جيِ سڪ سچي آ جن جي سيني ۾
نہ سي هڏ ڇرڪنديون ساگر کان ساوڻ جي مهيني ۾
اَندرِ ۾ عشق جن جي ڪين تن کي رات روڪيندي؟
اَديون! مونکي نڪا آنڌيِ، نڪا برسات روڪيندي.

نائڪا :- (دانهن ڪري)

گوڙ آ گجگوڙ آ، هر لهر ۾ طوفانُ آ،
ڪين هاڻي پار پهچڻ پاڻيءَ! آسان آ،
شوخ ساگر ۾ سمايل موت جو سامان آ،
هر مسافر خواهه هر مانجهي بڻيو حيران آ!
چوءُ ڇولين ۾ گهٽو ۽ آب جو ڪو انت ناهه،
ڪش ڪمر ملاح مانجهي! ڪاهه ڪشتي ڪاهه ڪاهه! (بادلن جي گوڙجن)

هڪ مسافر :- (دانهن ڪري)

سمنڊ جي سيني اندر جوالا مُکيءَ جان جوش آ،
آب جون اُڇلون گويا ڪال جو آغوش آ،
آڳ بن اُڀري اُٿن ٿا، آب مان باقي دونها،
ڪاهه ڪشتي، ڪاهه ڪشتي، نائڪن جا نائڪان!

(بادلن، بجليءَ، آنديءَ ۽ ڇولين خواهه ماڻهن جي شور جو آواز ڪن لاءِ اُڀري اچي ٿو ۽ اُن سان گڏوگڏ ساز وڄن ٿا - گيت شروع ٿئي ٿو)

ملاح :- لَهر لَهر ۾ شور،
ڪشتي آ ڪمزور،

نائڪا :- رات پيانڪ سِرَتي ڇانئي آهه گهنا گهنگهور
مانجهي هو - گهنا گهنگهور.....

(ا)

نائڪا :- سڙه ڦاٽل، پتوار پراڻو،

ملاح :- هو مانجهي هو .....

نائڪا :- دور ڪنارو - لڱ لڱ ساڻو،

ملاح :- هو مانجهي هو .....

نائڪا :- هن اَجهاڳ ساگر جو ساٿي! ڪوئي اور نه ڇور،

ملاح :- مانجهي هو - گهنا گهنگهور.....

نائڪا :- ناو پراڻي، دور ڪنارو، اوڏي آهي رات،

ملاح :- اوڏي آهي رات،

نائڪا :- اَچڻي آهي طوفان سان ساوڻ جي برسات،

ملاح :- ساوڻ جي برسات،

نائڪا :- او منهنجا مانجهي،

ايندي اولهہ کان آنڌي،

هل ڪشتي ڪاهي پارڏي،

ملاح :- هئيا هو هئيا هئيا،

هئيا هو هئيا ڙي!

نائڪا :- (سازن جي آواز ۾ بادلن جي گرجن ۽ ڇولين جو آواز)

لهرن جي لَس ليٽ ڏسي، اوچين ڇولين جو ڇوہ،

ملاح :- اوچين ڇولين جو ڇوہ،

نائڪا :- ڪٿن نہ مچلندو منهنجي مَن ۾ محب مٺي جو موہ،

ملاح :- محب مٺي جو موہ،

نائڪا :- ڊپ آ هيءُ پتوار پراڻو، ڪري نہ مونسان ڊوہ،

ملاح :- ڪري نہ مونسان ڊوہ،

نائڪا :- جي نہ پڳيس مان پار تہ ڏيندو، پريتم مونکي ڏوہ،

ملاح :- پريتم مونکي ڏوہ،

نائڪا :- او منهنجا مانجهي!

سيڻہ ساڻُ نہ مون آندي،

هل ڪشتي ڪاهي پارڏي!

هئيا هو هئيا هئيا

هئيا هو هئيا ڙي ......

(گيت بعد بادل زور سان گرجن ٿا. بجليءَ جي ڪڙڪاٽ، آنڌيءَ ۽ چوه
وارين ڇولين جا آواز بڌڻ اچن ٿا. ڊپ وچان مسافرن جي گوڙ جو آواز)

بعد جهانجهہ جو جهيٽو ڏکاءُ ۽ (Vibratnig) سنگيت سان هڪ مردانو آلاپ وڏندو ٿو اَچي گويا خواج خضر جيان ڪو رهبر فرشتو (Guiding Angle) پئدا ٿيو آهي.)

فرشتو :- (اوچي آواز سان ترنم ۾)

گرچ آ ٻيڙي پُراڻي، ڪر نہ پرواہ پاڻي!
سوچ جو ناهي سمو، تون ڪش ڪمراو ڪيسري!
آہ مونکي سُڌ سموري، بحر جي هر ٿهر جي،
پر سندء ساهس گهڻائي ڪين سگهندو موت پي!

(ساز وڄن ٿا - فرشتي جو گيت شروع ٿئي ٿو)

فرشتو :- ٻيڙي وارا! او ٻيڙيءَ وارا! ....
پنهنجي ڪشتي ڪاهيندو هلُ!

گڏيل آواز:- ٻيڙي وارا! او ٻيڙيءَ وارا! ....

(۱)

فرشتو :- چلڪن ٿيون چوليون لُڙ واريون،
آنڌيءَ سببان ٿيِ اوياريون،
پر تون تن تي موج مزي سان، ناوَڪ! ناءُ نچائيندو هل،
پنهنجي ڪشتي ڪاهيندو هلُ!

گڏيل آواز:- ٻيڙي وارا! او ٻيڙيءَ وارا! ....

(۲)

فرشتو :- توڙي آهي دور ڪنارو
تيز تکو مينهن جو وسڪارو
مگر چپيٽون چوماسي جون، تون سر تي سهسائيندو هل،
پنهنجي ڪشتي ڪاهيندو هلُ!

گڏيل آواز:- ٻيڙي وارا! او ٻيڙيءَ وارا! ....

(٢)

چوهہ منجھان اِئن چلکن چوليون،

هو مانجھي هو،

گويا واسينگن جون ٽوليون،

هو مانجھي هو،

وِيرَوجهي تي چيِرَ ڪُنن ۾ طوفانن جو زور

مانجھي هو - گھٽا گھنگھور......

(٣)

بادل گرجن، بجلي ڪڙڪي،

هو مانجھي هو. ....

سمندِ اُيامي، سينو ڌڙڪي،

هو مانجھي هو. ....

هڪ دريا دِل ٽوڙ ٻيو مٿان آهہ گگن ۾ گوڙ......

مانجھي هو گھٽا گھنگھور.....

(بادلن، بجليءَ، چولين ۽ گوڙ جا آواز وَري اُڀري اَچن ٿا)

ڪشتيءَ وارو ملاح :- (دانهن ڪري)

وَسُ ويچاريءَ ناهہ ڪو، تون آڻا عرض اَگهاءِ،

لطف ساڻ لنگهاءِ، لهرو لهرن وچ مان! (شاهہ)

غوراب وارو مير ملاح :-

لَڙ لهرون لس ليٽ، جتي اَنُت نہ آب جو،

الله اُت مَ اولين، ٻيڙا متي ٻيٽ،

جوکو ٿئي مَ جهاز کي، ڦرهي اَچي مَ قيت،

لڳي ڪامَ لپيٽ، هن غاريبي غوراب کي! (شاهہ)

(ڪجهہ گهڙين لاءِ ديواليہ سنگيت (Church Music) جي ڍنگ سان زنا

خواه مردانا آلاپ اَچن ٿا. گويا ڪي غيبي شڪتيون ظاهر ٿي رهيون آهن. اُ

(٢)

نائڪا :- اوڪيءَ ۾ جن ڏيرج ڌاريو،
تن کي موليٰ پار اُڪاريو،
سمجھ ذرا ساڃاهه
ملاح :- هوريان ڙي هوريان!

(٣)

ملاحُ :- وِرهڻ! وينينءَ چو دل لاهي؟
هوُڏس هُنَ پر بينو آهي،
ساجن تنهنجي لاءِ،
هوريان ڙي هوريان!

ملاحُ :- (ڏوهيڙو)

وَرَ ڪان وچڙيل نار، نيٺ ملي منٺار سان،
ويهه نه هِنَ پَرِ ويسرا! پريںءَ وَسي تو پار،
هل، بيڙي هاڪار ساهس کي سوُنهون ڪري!
(سڀ گڏجي ڳائين ٿا)

جيون نئيا، مُرشد مانجهي، ساگر هيءُ سنسار،
اَٽ تارُن لءِ هن ساگر جو ڪوئي آرُ نه پار،
مايادارِي مڇلين وانگر ڪيسين ترندا تار،
هاءِ وڪوڙي ويندي تن کي، آخر مايا جار-
او منهنجا مانجهي -
پاڻيءَ بِن مڇلي ماندي،
هل ڪشتي ڪاهي پار ڏي!
هئيا هو هئيا هئيا - هئيا هو هئيا ڙي .....
(ڪورس جو آلاپ جهڪو ٿيندو آخر بلڪل گم ٿي وڃي ٿو)

6, Sawar House, Srinagar Road,
Ajmer - 305007

(٣)

فرشتو :- ساهس کي ڪَرِ سوُنهون، ساٿِي!
چيري هَلُ سنڌوءَ جي ڇاتِي،
ياري ونجهہ سڌو ساگر جي سيني تي سٽڪائيندو هل،
پنهنجي ڪشتِي ڪاهيندو هَلُ!

گڏيل آواز:- ٻيڙي وارا! او ٻيڙيءَ وارا! ....

(طوفان برسات وغيره جو شور صفا بند ٿي وڃي ٿو)

هڪ مردانہ آواز:-

ساريو جن سبحانُ، ويرنہ وڙهي تن سين،
توبہ جي تاثير سان، ترِي ويا طوفانُ،
ڏيئي توڪل تڪيو، آرُ لنگهيا آسانُ،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو! (شاهہ)

هڪ زنانو آواز:-

ڪڏي اونهي ڪُنَ مان، ايءَ آگي جو آڌار،
نديون وڏيون ٻيڙيون، نيٺ پهچنديون پار،
سباجهو ستار، سُنڙ سيئي ڪري!

(ساز وڄن ٿا - ڪورس گيت شروع ٿئي ٿو)

نائڪا :- هوري ونجهہ هلاءِ،

ملاح :- هوريان ڙي هوريان!

نائڪا :- ڪشتي ڏيري ڪاهہ

ملاح هوريان ڙي هوريان!

نائڪا :- (١)


گذري ويئي رات ڏکن جي،
آئي آ پرڀات سکن جي،
پارُ پري تہ نہ آهہ

ملاح:- هوريان ڙي هوريان!

ٻڪرين تي آهي. هن علائقي ۾ گاهه کان سواءِ ٻي پوک خاص ڪانه ٿيندي آهي.

هاٺي ڪلاڌر جون ڪهاڻيون. هن مجموعي ۾ ڪل ١١ ڪهاڻيون آهن. جن مان ٻه ڪهاڻيون 'ايرڪا' ۽ 'ڪاڪو ڪڙڱي' کان سواءِ باقي سڀ ڪهاڻيون ٻوٽن جي ڌرتيءَ جون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ٻنيءَ ۾ رهندڙ ٻوٽائن جي سک - ڏک، ٻوڙهن ۽ ٿڪن جو بيان آهي. هيءَ ڪي ڊرائنگ روم ۾ ويهي، ٻوٽن جي ڏک - درد جون لکيل ڪهاڻيون نه آهن. نه هيءَ اهڙيون ڪهاڻيون آهن جيڪي ياترا ورٽن وانگر ڪن گهومو ليکڪن جون ڪهاڻيون هونديون آهن. هيءَ ان ليکڪ جون لکيل ڪهاڻيون آهن جيڪو ان زمين تي رهي ۽ جيئي ٿو جنهن زمين جون هيءَ ڪهاڻيون آهن. ان ڪري سادن سباجهن ٻوٽائن وانگر هنن ڪهاڻين ۾ نه ته فلاسافيءَ جا نسخا آهن، نه دماغي ڪلابازيون ۽ وري عبارت جا وروڪڙ. هي ساديون سڌيون ڪهاڻيون آهن جن ۾ ٻنيءَ جي ڌرتيءَ جا رنگ، روپ، ٻنيءَ جي ماڻهن جي ڏڪن ۽ خون جي رواني سمايل آهي. هيءَ ڪهاڻيون ٻنيءَ رهاڪن جي هڏ ماس مان جڙيل جاندار ڪهاڻيون آهن.

هاٺي ڪهاڻين جي ٿوري وچور. 'ايرڪا' ٻوٽ ۽ شهر جي ڳنڍيل ڪهاڻي آهي. جڏهن ٻوٽ ۾ بيحاليءَ سبب رهڻ ممڪن نه ٿيو ته هڪڙو غريب ڪٽنب ڪنهن متر جي مدد سان بمبئيءَ اُچي پهتو آهي. ماءُ - ڌيءُ ردي گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪنديون آهن. ان ئي سلسلي ۾ ڪين هڪڙي بنگلي ۾ سڏ ٿئي ٿو. بنگلي جي شان شوڪت ڏسي ٩-١٠ سالن جي رمليءَ جون اکيون چرخ تي وڃن ٿيون. پرهن ڪي اهو ڏسي سخت حيرت ٿي لڳي ته بنگلي جي اندر تي ڪُتيون صوفن تي سمهيون پيون آهن ۽ بنگلي جي مالڪڻ انهن جا انگل آرا سهي رهي آهي. ۽ بي ساخته رمليءَ جي وات مان نڪري ٿو وڃي :



ڪَٽ / ڊاڪٽر ستيش روهڙا

ڪلاڌر مُتوا جو ڪهاڻي سنگرهه 'ٽِبَڙُ'

> چڱو اڳ 'ڪٽ' ڪالم رچنا مخزن ۾ نيم سان ڇپجندو هو. ان کان پوءِ جدا جدا عنوانن سان رچنائن جي آلوچنا 'رچنا' ۾ ڇپجندي رهي آهي. هاڻي وري اسين 'ڪٽ' ڪالم شروع ڪري رهيا آهيون. اهو ڪالم اڳ ستيش روهڙا لکندو هو هاڻي به هو صاحب لکي رهيو آهي.
>
> سمپادڪ

'ٽِبَڙُ' ڪلاڌر مُتوا جي ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. ڪلاڌر مُتوا جي ڪهاڻي
جو هيءُ ٽيون ڪتاب آهي. ڪلاڌر مُتوا جي ڪهاڻين سبب نه رڳو سند
ادب ۾ هڪ نئين ۽ پختي ڪهاڻيڪار جي آمد ٿي آهي، پر ڪلاڌر جي اَچ
سان سنڌي جاتي، تهذيب ۽ ادب سان واسطيدار ڪي نوان حوالا پيدا ٿي
آهن. هتي اهو ٻڌائڻ غير ضروري نه ٿيندو ته ڪلاڌر ڪڇ ۾ ان خطي جو رها
آهي جنهن کي 'ٻني' چئبو آهي. عام طرح سان سنڌيءَ ۾ 'ٻني' ءَ جو مطل
زمين جي ڪنهن خاص ٽڪري سان هوندو آهي، پر هتي 'ٻني' ءَ جو مطل
لڳ ڀڳ چاليهن ڳوٺن جي ان وڏي ايراضيءَ سان آهي جنهن جون حد
سنڌ سان لڳيون پيون آهن. هن خطي ۾ گهڻي ڀاڱي مسلمان ڀائر رهندا آ
جيڪي ورهاڱي کان اول به هتي ئي رهندا هئا؛ يعني اُهي ورهاڱي کان
لڏي آيل ڪونه آهن. هيءُ علائقو صحيح معنيٰ ۾ ڳوٺن جو علائقو آهي جن
جي رهواسين جو جيون آڌار 'مال' يعني کير ڏيندڙ جانورن - مينهن، گا

ان ڳالھ ڏانهن ڏيان ڇڪايل آهي تہ پشچمي اثر هاڻي شهرن مان ڳوٺن طرف اَچي رهيو آهي ۽ ڪن حالتن ۾ قبول بہ پئجي رهيو آهي. ڏاڏو اول تہ پوٽي جي موبائيل ۽ ڪامپيوٽر تي لعنتون هڻندو ٿو رهي پر پوٽو جڏهن موبائيل تي ڏاڏي کي سنڌ جي عزيزن سان ڳالھ ٻولھ ڪرائي ٿو تہ ڏاڏي کي موبائيل جي اهميت محسوس ٿئي ٿي ۽ ڏاڏو جڏهن ڪامپيوٽر تي انٽرنيٽ دوارا سنڌ جي عزيزن جي شاديءَ جو نظارو ڏسي ٿو ۽ اُنهن عزيزن ۾ ٿي، هاڻي پوڙهي ٿي ويل پنهنجي جوانيءَ جي محبوبا ملوڪان کي ڏسي ٿو تہ ڏاڏي جو روح ٺري ٺري ٿو پوي ۽ هو ڪامپيوٽر کي تڪيندو چئي تہ وصل جو مزو ماڻيندو ٿو رهي.

هن مجموعي جون بهترين ڪهاڻيون آهن : ’پٽوري‘، ’ڏيئر اُٺاڻ جيتري خوشي‘ ۽ ’مُند جو پهريون مينهن ۽ نينهن‘.

’پٽوري‘ هڪ مينهن جي ڪهاڻي آهي جيڪا ڳوٺاڻن جي پنهنجي مال لاءِ محبت ۽ مينهن نہ وسڻ جي حالت ۾ ڪڇ جي ماڻهن جي بيحاليءَ جي دردناڪ ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ڪاڪي ڪَمونءَ کي بک کان بچڻ لاءِ پنهنجي ’پٽوري‘ مينهن دلال جي هٿ وڪڻي پوي ٿي.

’ڏيئر اُٺاڻ جيتري خوشي‘ هڪ خدا ترس مسلمان عورت خيران جي ايمانداريءَ جي نہ وسهڻ جهڙي پر دل کي ڇهي ويندڙ ڪهاڻي آهي. خيران جي من تي اهو وڏو بار آهي تہ مرڻ کان اول امانت موٽائي سگهي. سنڌ مان هڪ پنڪي آيل مينهن سندن مال سان گڏجي وئي. ان کي سال ٿي ويا. مينهن کي وَڇون بہ ٿيون. ان مينهن جي کير-گيهہ مان گڏ ٿيل پئسن مان خيران سون وٺندي رهي آهي ۽ اهو هن سنڀالي رکيو آهي. هوءَ هميشہ الله کي عرض ڪندي ٿي رهي تہ ان مينهن جو مالڪ هٿ اَچي تہ هوءَ ان کي سندس اَمانت موٽائي سک سان مري سگهي. اتفاق سان سنڌ مان هڪڙو سڄڻ اَچي ٿو جيڪو ايترن سالن گذرڻ کان پوءِ بہ پنهنجي مينهن سڃاڻي

’هي ايشور تنهنجي ليلا تنهنجي مهما نياري آهي .... ايندڙ جنم ۾ مو
ڪي ڪنهن سڪي ستابي گهر ۾ اهڙي ڪتيءَ جو اوتار ڏجانءِ.‘
ائين ته ’ايرڪا‘ ڪهاڻيءَ جو موضوع ڪو نئون ڪونهي، پر ڪهاڻيءَ ۾
ڪنهن اُپديش جي جنهن سادگيءَ ۽ سهجتا سان موضوع جو نباهه ڪيو
آهي، اُهو دل کي ڇُهي ٿو وڃي. البت ١٠-١١ سالن جي رمليءَ دوار
پڇاڙيءَ ۾ چيل ’ايشو‘ ۽ ’اوتار‘ لفظ ڦبن نٿا. ڪهاڻيءَ ۾ پيءُ جو ڪردار ’جڪ
آهي. جيڪو نالي مان مسلمان ٿو لڳي ان ڪري رمليءَ دوران پڇاڙيءَ وا
جملي ۾ چيل ايشور، ليلا، مهما نياري، اوتار جهڙا لفظ ڦبن نٿا.
’ڪاڪا ڪڙڪي‘ هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي آهي جيڪو اٺانوي سا
جي وڏي عمر جو آدمي، اڏرنگ ٿيڻ سبب سندس سرير جو هڪ پاسو
بيڪار ٿي ويو آهي. سندس ڪوبه پنهنجو ڪونهي، بنهه ڪونهي پر سند
اها زوردار تمنا آهي ته مرڻ کان اڳ ڪيس پنهنجو گهر هجي جيڪو پلي
ميونسپل ڪٽي وڃي. ليکڪ جي هڪ سيمينار جي سلسلي ۾ سائي گيس
هائوس ۾ رهڻ سبب هن ڪاڪي سان ملاقات ٿئي ٿي ۽ کيس ’ڪاڪا ڪڙڪ
جي جيون ڪهاڻي ٻڌڻ جو موقعو ملي ٿو، جنهن جو بيان ڪهاڻيءَ
روپ ۾ ڪيو ويو آهي.
’نفرتن جا قيدي‘ هڪ ڇوڪري جي ڪهاڻي آهي جيڪو غلطيءَ وچ
پاڪستان جي سرحد ٽپي، هندستان ۾ لنگهي آيو آهي ۽ سالن جا سال
جي جيل ۾ نه سهڻ جهڙيون تڪليفون ڀوڳي رهيو آهي. ائين ته چڱي دردن
ڪهاڻي آهي پر ڇوڪري دوران راجنيتيءَ تي ڏنل ڀاشڻ، ڇوڪري جي
۽ سمجهه کان وڌا آهن جيڪي ليکڪ جا پنهنجا ويچار آهن جن کي هو
ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي نه سگهيو آهي. هونئن هيءَ ڪهاڻي ’رامچند پاڪستان
فلم جو اولڙو آهي.
’دريءَ مان دلبر جو ديدار‘ ۾ ڪهاڻيءَ جهڙو ڪجهه خاص ڪونهي،

دردناڪ حالت ٿئي ٿي ان جو بيان لاشڪ دل ڪاندارينڌڙ آهي. 'ٽڳڙ' ڪهاڻيءَ جو آخرين پئراگراف ڏڪاريل انسان ۽ قدرت جي حالت ۾ هڪجهڙائي ڏيکارڻ وارو، باريڪ بيانيءَ جو بهترين مثال آهي.

'پنهي ڪي ڦاٽل خميسون پاتل هيون. جڳهه جڳهه کان ٽڳڙ ڏنل هئا ۽ ٽڳڙ به ايڏا جو سندس خميسن جو اصل رنگ ڪهڙو هو، اهو سمجهڻ هينئر مشڪل هو.

رانجهن اونهو ساهه کنيو. هن آڪاش ڏانهن نهاريو. دور دور به ٽي آوارا وڏر (بادل) ڏسجي رهيا هئا. اُهي بادل هن کي بادل نه پر رمونءَ واريءَ خميس ۾ لڳل ٽڳڙن وانگر لڳي رهيا هئا. جڻ خدا وڏُرن کي مينهن وسائڻ لاءِ نه پر مينهن بند ڪرڻ جي لاءِ ٽڳڙن جي روپ ۾ لڳائي ڇڏيا آهن .....'

موضوعن کان سواءِ هن مجموعي جي ڪهاڻين جي مکيه نراليت آهي هنن ڪهاڻين جي ٻولي ۽ عبارت. ڪڇ جو علائقو سنڌ جي ٿر علائقي سان لڳل آهي ان ڪري ڪڇ جي سنڌي ٻولي عام طرح سان ڪم ايندڙ درسي يا معياري ٻوليءَ کان ڪيترين ڳالهين ۾ بدليل آهي ان ڪري 'ٽِڳُڙُ' مجموعي جي ڪهاڻين ۾ ڪيترا اهڙا سنڌي معياري لفظ بدليل آهن. مثال طور ڪتاب جو 'ٽِڳُڙُ' به معياري سنڌيءَ ۾ استعمال ڪونه ٿيندو آهي. سنڌيءَ ۾ ان جي بدران 'ٽِڳڙي'، 'ٽِڳڙيُون' لفظ استعمال ٿيندا آهن. ساڳيءَ طرح سان سامهان (سامهون)، تڪيهه ڪلم (تڪيه ڪلام) وغيره. ڪيترا نيٺ ڳوٺاڻا لفظ - اظهار استعمال ٿيل آهن، جيئن - اُجارو ڪٽي وڃڻ (ٺيڪو يا جوابداري کڻڻ)، جهوُمبون ڪرڻ (ڪوششون ڪرڻ)، چوڪ هڻڻ (لاچار هئڻ)، چونچاٽ ڪرڻ (سوُسات ڪرڻ)، گهورو ڏيارڻ (ٺهڪو ڏيارڻ).

ڪيترا پراڻا سنڌي لفظ به سهج ڍنگ سان ڪم آندل آهن. جيئن - اوتارو، گيڏن (لوٽو)، پونگي، پوُنگري (ننڍي هٿ ۾ کڻڻ واري چلم).

ڪجهه موضوع جي تقاضا، ڪجهه نوَن ساڌنن جي لازمي استعمال سبب

تو ونئي. ان سچڻ کي مينهن، ان جو چاول سنتان ۽ ان جي کير-گيهہ مان ورتل
سون موٽائي خيران الله جا شڪرانا مڃي ٿي ۽ ڪيس. ايتري ئي خوشي ٿئي
ٿي جيتري ڏيءِ پرڻائڻ جي ٿيندي آهي. امانت سونپڻ ڪانپوءِ خيران الله
سان ملڻ لاءِ رواني ٿي وڃي ٿي.

ان قسم جي ايمانداري ۽ ديانتداري ڪنهن وقت سنڌي تهذيب جو
حصو هئي، پر اڄ تہ.....

’پهريون مينهن - پهريون نينهن‘ جيتوڻيڪ پيار جهڙي عام موضوع تي
لکيل ڪهاڻي آهي پر شهري پهرئين پيار جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي اهو
ڪهاڻيءَ مان صاف ظاهر آهي. شهري پيار وڌيڪ کليل، ڪڏهن تہ بيباڪ
ڇڙواڳ ٿئي ٿو پر ڳوٺاڻو پيار ان آلي ڪاٺيءَ وانگر ٿئي ٿو جيڪا رڳو دکي پئي
ٿي ۽ ڳوڙها وهائڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. سَسيءَ، شمن ڏانهن رڳو نهاريو آهي
شمن سَسيءَ کي ڏسي مرڪيو آهي. بس، ايتري سان ئي ٻنهي جي اند
جيڪو نينهن جو ڪنڊو چڀي ويو آهي جو اهو ڪنڊو سَسيءَ جي روح
چڀندو ٿو رهي ۽ شمن جي رڳو ياد سان ئي سندس روح ۾ اَهڙو نار ٿي ٿو وڃ
جهڙو گرميءَ ۾ سُڪي ٺوٺ ٿيل ڌرتيءَ تي پهريون مينهن پوڻ سان ٿين
آهي سَسيءَ جي منهن مان اهو بي اختيار نڪري ٿو وڃي.

’جيني مينهن ۽ ٽِڪيانا پُٽ‘ ڪن ڀاڳن وارن کي نصيب ٿيندا آه
(’جيني مينهُن‘ جيٺ مهني جو مينهن. ٽِڪيانو پُٽ، ’پهريون پُٽ‘) ا
سوچي تہ هوءَ ڪنئاري هوندي پهرئين پُٽ جي ڳالهہ ڪري رهي، سَسي
سبب ڳاڙهي ٿي وڃي ٿي. اَلبت ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٻُت ٻڻجي و
سَسيءَ جو جيڪو بيان ڪيل آهي اهو سهج سادي، ڳوٺاڻي شئلي ۽ ٻول
جي بدران بناوٽي شهري شئلي ۽ ٻوليءَ جو نمونو آهي.

’ٽِڪِڙُ‘ هن مجموعي جي سڀ کان وڌيڪ اثردار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻ
۾ ڪَڇ ۾ ٿيندڙ ڏڪار سبب ماڻهن، ڍڳن ڍورن ۽ پکي پرندن جي جـ

آيا آهن. هاڻي سوال آهي تہ ’هندستان ۾ رهندڙ سنڌي‘ چوڻ سان ’ورهاڱي‘ کان پوءِ سنڌ مان لڏي آيل هندن سان سمجهجي يا ’هندستان ۾ رهندڙ سنڌي‘ چوڻ سان ’هندو ۽ مسلمان‘ ٻئي ونجي؟ ورهاڱي کان پوءِ لڏي آيل سنڌي، سمجهجي يا ورهاڱي کان اول رهندڙ ۽ لڏي آيل سنڌي، سان ونجي.

اهو بہ سوال آهي تہ سنڌي ٻوليءَ سان مطلب هندستان ۾ هندن دواران ڳالهايون ويندڙ اُپ ڀاشائن سان ونجي ۽ هندستان ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌيءَ ۾ آيل تبديلن يا تبديلين ۾ سنڌي ڪڇيءَ ۾ موجود تبديل ڪي بہ ڳڻجي؟

سنڌي ادب جي حوالي ۾ بہ ائين چئي سگهبو يا نہ تہ سنڌي ادب ۾ شهري ۽ آنچلڪ (يا ڳوناڻو) ادب بہ آهي؟

مطلب تہ ڪلادر مُتوا جو ڪهاڻي سنگرهہ ’ٿِڳڙُ‘ هڪ طرف سنڌي ڪهاڻي ادب ۾ اضافو ۽ نئين ڪهاڻيڪار جو اُيري اَچڻ آهي ۽ ٻئي طرف اهو ڪي اَهڙا معصوم سوال کڻي ٿو اَچي جن جو جواب ڏيڻ اَهڙو آسان نہ آهي.



’ٿِڳڙُ‘ (ڪهاڻيون)،
ڪلادر مُتوا، پرڪاشڪ ليکڪ،
پوسٽ - گهوربواري،
ڀڄ (ڪڇ)، ٢٠١٢
پيج-٩٧، قيمت - ١٠٠ رپيا.

5, Maleer,
Adipur - Kutch-370205

چڱا انگريزي لفظ بہ استعمال ۾ آيا آهن. ’ميڊم‘، روڊ ڪراس ڪرڻ، ائڊمٽ
فئشن، فئشن ڊزائينر، هارٽ اٽئڪ، گيريج پارڪ ڪرڻ، موبائيل، ڪامپيوٽر
انٽرنيٽ، اي ميل ڪنيڪشن. اسڪرين، پينٽنگ.

ڪجھہ هندي لفظن اظهارڻ جو استعمال ڏسي ٿورو عجب تہ لڳي ٿو پ
ان جو ڪارڻ آهي ليکڪ ڪلاڌر مُتوا. ڪلاڌر جي سرگرمين جو دائرو ڳوٽ تائين
محدود ڪونهي. هو انٽرنيٽ جو استعمال ڪندو آهي، سڄي هندستان
ٿيندڙ ڪيترن سنڌي ادب سان واسطيدار سيمينارن ۾ شامل ٿيندو آهي ا
ڪري شايد هندي لفظن جو استعمال ٿي ويو هجي. هونئن جنهن قس
جي ٻولي استعمال ٿيل آهي اُن ۾ اُهي لفظ گھٽ ڦبن ڪونہ ٿا. ڪجھہ ڏيا
چڪائيندڙ هندي لفظ آهن- اُتم، مهانتا، پريورتن، پرڪرتي، چولي دامن ج
سات، هٿ پيلا ڪرڻ. هڪ هنڌ تہ اعليٰ - اُتم ٻئي لفظ جملي ۾ آيا آه
جنهن جو مطلب تہ ليکڪ انهن لفظن جو سڄاڻپ سان استعمال ڪيو آه

حقيقت ۾ ڪلاڌر مُتوا جي ڪهاڻين جو مجموعو رڳو ٻين نون ڪتا
وانگر، سنڌي ادب ۾ هڪ نئين ڪهاڻين جي مجموعي وانگر چپجڻ،
سنڌي ادب ۾ هڪ نئين ڪهاڻي ليکڪ جي اُڀري اَچڻ تائين محدود
آهي، اهو پاڻ سان گڏ ڪافي نوان حوالا ڪٺي ٿو اَچي جن مان ڪي معص
پريشان ڪندڙ سوال پيدا ٿا ٿين - جيئن -

هيلتائين اسين جڏهن بہ هندستان جي ڳالهہ ڪريون ٿا تڏهن اَسان
مطلب ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان لڏي آيل هندن سان هوندو آهي. پر ڪلاڌ
ڪو هندو آهي، نہ ڪو سنڌ مان لڏي آيل آهي. هو ڪَڇ جي جنهن ح
۾ رهي ٿو اُن کي ’ٻني‘ چئبو آهي. ٻني علائقي ۾ سٺ کن ڳوٺ آهن. ٻني
رهندڙن جو تعداد چاليهہ هزار کن آهي. اتي رهندڙن مان نوي سيڪڙو مسلم
پائر آهن ۽ ڏهہ سيڪڙو هندو آهن جيڪي گھٽ ذات جا ڪولهي و
آهن. اهي سڀ اِتان جا رهندڙ آهن. اهي سنڌ مان ورهاڱي کان پوءِ لڏي

سدائين لاءِ اهڙي ڏيهه هلي وئي، جتان ڪو به واپس نه موٽيو آهي. ڏک اهو آهي ته هند ۾ رهندڙ اهي اَسان جا سڀ دوست ۽ اديب هڪ هڪ ٿي وڃي رهيا آهن. ائين هند مان سنڌي ادب آهستي آهستي موڪلائي رهيو آهي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ شايد سنڌي ٻولي به موڪلائي وڃي ۽ نارايڻ شيام جو هيءُ شعر پنهنجي ساڀيا جي صورت ۾ سامهون اَچي بيهي :

الا ائين نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،

ته هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.

هند ۾ جن اَڻ ڳڻين شخصن، لکندڙن سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي بچايو انهن ۾ هريش واسواڻي ۽ اندرا واسواڻيءَ جي جوڙي به اهم آهي. ادب ۾ راجنيتي/سياست ۽ سازشن اَچڻ ڪري، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ليجنڊ هريش واسواڻي ويهارو سال اڳ قلم اڇلائي ويهي رهيو ۽ اندرا واسواڻي پنهنجي آخري ساهه کڻڻ تائين سنڌي ڪهاڻي/سنڌي ادب سان جڙيل رهي. حالتون سازگار نه هوندي به هن پنهنجو بچيل وقت ادب کي ڏنو، پر سنڌي ڪهاڻيڪار جي ناتي سندس گهٽي ساراهه ان ڪري به ڪئي وئي آهي يا ڪئي ويندي ته سندس لکڻيون ان سنڌي ليکڪا جون آهن، جنهن وٽ سڄو ماحول سنڌي آهي. سندس ڪردار، سندس ڪهاڻين جا موضوع وغيره سڀ سنڌي جيوت سان جڙيل آهن. شايد ان ڳالهه کي محسوس ڪندي ئي سندس ڪتاب ڪونج پبليڪيشن پاران ڇاپيندي دادا هري موٽواڻيءَ ڪتاب جو سب ٽائيٽل ڏنو هو 'سنڌي جيوت جون ڪهاڻيون'، ۽ سچ پچ به ائين آهي. سندس ڪهاڻين ۾ نه هندي ماحول آهي ۽ نه هندي اکرن جي ڀرمار. ڪيس اها سنڌي لکڻ وٽندي هئي جيڪا سندس پتا / پيءُ ميرپور خاص ۾ استعمال ڪندو هئو، جيڪو ان وقت جو نه رڳو آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ سپاهي هئو پر ناميارو پترڪار / صحافي به هئو ته ڪانگريس سان به واڳيل هئو، جنهن ڪري اندرا واسواڻيءَ ڳڙين سان راند ڪرڻ بدران ڪتابن ساڻ ننڍپڻ گذاريو. خود سندس ماءُ پڻ ڪتابن پڙهڻ ۾ چاهه رکندي هئي، ان ڪري شرت چندر چئٽرجي، منشي پريمچند ۽ ننڍي ڪنڊ جي ٻين ڪيترن ليکڪن جا ڪتاب

شرڌانجلي / رکيل مورائي



اندرا واسواڻيءَ جي مٽيءَ ڏانهن موٽ

اَڄ سنڌي ٻوليءَ جو غير معمولي نقاد، ڪهاڻيڪار ۽ ڪوتاڪار هريش
واسواڻي، اڪيلو ٿي ويو آهي، ڇاڪاڻ ته سندس جيون ساٿڻ اندرا واسواڻ
هاڻ ساڻس گڏ نه آهي.
سنڌي ڪهاڻيءَ کي هند ۾ رهندي، سنڌي جيوت جي ويجهو آڻين
ليکڪا اندرا واسواڻيءَ جي موں وٽ ڀرين سڃاڻپ هريش واسواڻيءَ ج
نسبت سان آهي ۽ ان کان پوءِ هڪ ڪهاڻيڪار طور جيتوڻيڪ هوءَ هڪ تعليمد
جي حيثيت سان به گهڻو مان ۽ مرتبو رکي ٿي، پر سنڌي ادب ۾ هاڻ هوءَ ه
ڪهاڻيڪار جي حوالي سان ئي ياد ڪئي ويندي. ٢١ آگسٽ ١٩٣٦ع
ميرپورخاص ۾ جنم وٺندڙ اندرا واسواڻي ١٧ آڪٽوبر ٢٠١٢ع تي سنڌين
اڏيل شهر آديپور ۾ سنڌي اديبن جي ڪالوني ملير ۾ آخري (دهليءَ ۾) س
ڪنيو، هن جو ڀريون ساهه سنڌ هئي ۽ آخري ساهه هند. ائين جيڪڏهن
جون ڪهاڻيون انگريزيءَ سان گڏ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيون ته هوءَ نندي
جي هڪ اهم ليکڪا طور ياد رکي ويندي. سندس ڀرئين ڪتاب
١٩٨٠ کان وٺي سندس آخري ڪتاب 'متيءَ کان متيءَ تائين' ٢٠١٠
وچ ۾ سندس به ڪتاب ٻيا به آهن، جيڪي آهن، 'مجري' ۽ 'ٿُڙُ'. ائين
ڪهاڻي ڪتابن جي ليکڪا اندرا واسواڻي، هريش واسواڻيءَ کي اڪيلو
ان متيءَ ۾ ملي وئي، جيڪا متي، سندس ڪرم ڀومي ته هئي پر جنم
نه هئي ۽ هوءَ پنهنجي جنم ڀوميءَ کي هڪ ڀيرو ڏسڻ جي آس دل ۾ س

لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ عمر جي آخري گهڙيءَ تائين لکندي رهي. سندس شعوري ۽ ادبي اوسر ۾ اهي ادبي ڪچهريون ۽ بحث اهم آهن، جيڪي سندن گهر تي يا ادبي فورمن تان ٿيندا رهيا ۽ جن ۾ هيءَ سنڌي ادب جي بي مثال ليکڪ جوڙي شريڪ رهي. ان کان پوءِ سندن گهر خود ٻن اديبن جو آکيرو، جنهن ۾ هڪ واڌو ذهين ٻار جو جنم ٿيو، جنهن جو نالو شيفالي آهي، جيڪا اندرا ۽ هريش جي گڏيل تخليق آهي ۽ انگريزي صحافت ۾ ڪم ڪري رهي آهي. اندرا واسواڻيءَ جي هلئي وڃڻ سان سنڌي ادب مان هڪ نهايت اهم ليکڪا هلي وئي آهي. مون کي ائين بہ محسوس ٿي رهيو آهي تہ آديپور جي سنڌي اديبن جي ڪالونيءَ مليرجو هڪ گهر اڌو اڌ ڊهي پيو آهي، اهو احساس سنڌي ادب جي پڙهندڙن کان وڌيڪ هريش واسواڻيءَ کي هوندو. ٻيءَ طرح هيءُ ڏک هند توڙي سنڌ جي سيني اديبن جو گڏيل ڏک آهي، جيڪو اسين پاڻ سان ئي ونڊي رهيا آهيون ۽ منهنجي پاران ذاتي طور هريش واسواڻيءَ سان ڏک ونڊڻ لاءِ بہ ٻوڙها ۽ لکيل هيءُ ڪجهہ لفظ پايي اندرا واسواڻيءَ لاءِ شردانجليءَ طور ۽ بس!

Flat-22, Block (K) A1-Asif Square,
Sohrab Goth, Karachi (SINDH)

مُبارڪون



برک ڪهاڻيڪار ۽ شاعرا شريمتي اِندرا هريش واسواڻيءَ کي سندس ڪهاڻين جي مجموعي مٽيءَ کان مٽيءَ تائين (2010) تي مرڪزي ساهت اَڪادميءَ طرفان سال 2012 لاءِ ڏيهانت بعد انعام عطا ٿيڻ تي سندس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي ساهتڪ جڳت کي مبارڪون

سنڌالاجي پريوار

سندس گهر ۾ ڪانئس اڳ ئي موجود هئا ۽ جڏهن هوءَ پنهنجي پيرن تي بيٺي تہ هريش واسوائيءَ جهڙو ذهين اديب سندس جيون ساٿي بڻيو، جنهن سون تي سهاڳي جو ڪم ڪيو. پوءِ اندرا واسوائيءَ جي شخصيت توڙي ادب تي سندس والد جو وڏيڪ اثر آهي، اهو سندس مڃڻ آهي.

هن پنهنجي طرفان اهو بہ قبول ڪيو آهي تہ هريش واسوائيءَ ڪڏهن بہ پنهنجا ويچار مٿس مڙهيا نہ آهن. ها، ان ادبي ماحول ۾ سفر ڪندي سائس ساٿ ڏنو آهي، جنهن ڪري ئي هر پڙهندڙ اهو آسانيءَ سان محسوس ڪري سگهندو تہ هريش جي لکڻ جو پنهنجو اسٽائيل آهي ۽ اندرا جو بنهہ پنهنجو. پر ڪيتري لنوائڻ باوجود اهو چوڻ ڪان آءٌ پاڻ کي روڪي نٿو سگهان تہ هريش واسوائيءَ جهڙي ذهين نقاد ۽ ليکڪ جي ساٿ ۾ پاڻ اندرا گهڻو ئي پاڻ کي ليکڪا جي حيثيت ۾ سنواريو هوندو. چاڪاڻ جو هريش جو ساٿ ڪنهن بہ اعزاز ڪان گهٽ نہ آهي، ڪنهن بہ ليکڪ عورت لاءِ!

اندرا واسوائيءَ جي پهرين ڪهاڻي 'ڪتيو' آهي، جيڪا هُن ١٩٥٨ع ۾ لکي پر سندس باقاعدي ادبي زندگيءَ جي شروعاتي ڪهاڻي اديبن 'فقيرياڻي' ڄاڻائي آهي، جيڪا هن ١٩٧٩ع ۾ لکي ۽ رچنا جي ١٩٨٠ع سال جي پهرئين پرچي ۾ شايع ٿي. ساڳئي ئي سال سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب 'نالو' بہ شايع ٿيو، جنهن ۾ سندس ڏهہ ڪهاڻيون آهن. سندس ٻيون ڪتاب 'منجري' ١٩٩٦ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ سندس يارهن ڪهاڻيون آهن. سندس ٽيون ڪتاب 'ٽڙ' آهي، جيڪو ٢٠٠٢ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ سندس تيرهن ڪهاڻيون آهن. ۽ سندس آخري ڪتاب 'مٽيءَ ڪان مٽي تائين' آهي، جنهن ۾ اَرڙهن ڪهاڻيون آهن. سندس هيءُ ڪتاب نهايت اهم ڪتاب آهي، جيڪو اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران ٢٠١٠ ۾ شايع ٿيو آهي. ائين سندس چئن ڪتابن جي جلدن ۾ سندس ٻاونجاهہ ڪهاڻيون محفوظ ٿيل آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ سندس نالي سان ياد رکيون ويندريون. گذريل ٻن سالن ۾ بہ ممڪن آهي، پاڻ ڪي ڪهاڻيون لکيون هونديون. جيڪي اڳتي هلي ڪتاب جي صورت وٺن، تيستائين اهو اندا

هونئن 'منش نگري' مون بہ پڙهيو آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌي ساهتيہ خاص ڪري هندستان ۾ ڪويتا جو بهترين ڪتاب آهي. بهترين فلاسافي آهي ۽ اِها ورهين جي ساڌنا ڪرڻ کان پوءِ شري نامديو تاراچنداڻيءَ حاصل ڪئي آهي. نامديو تاراچنداڻي ۽ رڪيل مورائي ڌنيواد! ايترو ئي ايشور ڀارتي صاحب جا 'جنڪ فوڊ' جي تاثرات پڙهڻ سان حاصل ٿيو.

ڪُل ملائي سڄو پرچو وڻندڙ آهي. 'رچنا' هونئن بہ تہ ساهتيہ جڳت ۾ اونچي معيار رکندڙ آهي. ۽ اُن لاءِ ئي تہ ايندڙ نئين پرچي جو هر هميشه انتظار رهندو آهي.

شيام سچانندداڻي (ناگپور)

رچنا جي ڪور پيج تي ساهتيڪار تعليمدان گوورڌن شرما گهايل جو فوٽو ڏسي خوشي ٿيم. گوورڌن سان بہ ادائي سال اڳ ناگپور ۾ هڪ ادبي بيٺڪ ۾ ملاقات ٿي هئي. سچ پڇ توهان گوورڌن جو فوٽو رچنا جي ڪور پيج تي ڇپي هن جي قدرشناسي ڪئي آهي.

لکمي ڪلاڻيءَ جي ڪهاڻي 'وينس جو پتلو' پسند پيئي.

هن انڪ ۾ توهان هڪ نہ بہ نہ، بلڪ ٽن ساهتڪ ڪتابن تي تاثرات ڇپيا آهن؛ اهو هڪ رڪارڊ آهي. (١) هاڻي صبوح جو انتظار ڪونهي (ليکڪ موهن همٿاڻي) تاثرات اَرجن حاسد (٢) 'چيڪ بوڪ' (ليکڪ واسديو موهي) تاثرات ايشور ڀارتي (٣) 'منش نگري' (ليکڪ نامديو تاراچنداڻي) تاثرات رڪيل مورائي. 'رچنا' معياري مخزن آهي پر اَلائي ڇو وقت سر شايع ڪونہ ٿي ٿئي.

ليکراج پرياڻي (بڙودو)

رچنا جو پرچو ١٣٦ مليو. شري گوورڌن شرما 'گهايل' جي تصوير ڏسي ڪي يادگيريون دل تي هُري آيون، جو گوورڌن پوني لڏي وڃڻ کان اڳ بڙودا ۾ رهندو هئو، منهنجي پرسان سارڀي سنڌي ڪالونيءَ ۾ ئي ۽ اڪثر ملڻ ايندو رهندو هئو. اَٽڪل پنجاهہ سال اڳ. اُن وقت تہ صرف شاعري ڪندو هو. رچنا جي هن پرچي ۾ سندس ڪهاڻي 'متان دل لاهين، الله پيو آهي' ڇپيل ڏسي عجب لڳو جو سندس پهريون دفعو ڏٺي ۽ پڙهي اٿم.

توهان طرفان

سريچند ڏُبي 'جگري' (جهوناڳڙهه)

رچنا ١٣٦ انڪ ٿورو ليٽ مليو آهي. سائين اَرجن 'حاسد' صاحب جي تصوير سهاجهڙو چهرو ڏسي دل بهاربهارٿي پئي. فيلوشپ لاءِ مبارڪون . پيڻ اندرا واسواڻيءَ ڪي شرڌانجلي سچي پيبج جي تصوير سان ڏني اتوَ سو صحي آهي. پيڻ اندرا جي جهوناڳڙهه ياترا ساهتيه اڪادميءَ جي سيمينار ۾ لڳاتار ٣ ڏينهن وري اُنان سائنس گِر جهنگل، ويراول ساڻ هئاسين. مون ساڻ ڏيءَ ۽ مسز بہ گڏ هئي سو ڪمپنيءَ ۾ ڪافي رهاڻيون ٿيون جڻ ڪالهوڪي ڳالهه آهي. ياد تازي آهي ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ سائين شري گووردن شرما جي ٽائيٽل تصوير بہ وٽي. پر سائين، گووردن شرما جهڙي اُستاد شاعر ٿورو نراش ڪيو آهي ڏوٽل پوٽل، ڪاڏل، وينل، جهنگل، هوٽل، پاڳل، گنگا جل، تاج محل، نل، چنچل وغيره قافيا صحي نہ آهن، مزو نہ آيو.

'سارو درياهه سُڪي ويو پر جي
ڪوئي گهاگهرڪٽي گهڙي پو ڇا؟'

سارو درياه سُڪل آهي تہ پوءِ گهاگهرڇا جي؟ درياهه ڇا جو؟ خالي ڪڏ ۾ ڪير گهاگهرڪٽي ڇو ويندو؟

'متان دل لاهين الله پي آهي'

سنڌ جون ساروٽيون وٽيون

حاسد صاحب جو غزل واه واه. لڇمڻ ڏُبي جو غزل واه واه

(ٿورو اُردو، پارسي، هندي اکرن کان پرهيز ڪري تہ سٺو)

ڪيمن مولاڻي صاحب جو غزل ۽ وائي بہ ڇُهي ٿي. ڪئلاش شادب، رتن آڏناڻي، پيڻ گينا بندراڻي، ڪنعيو شاديجا جون رچنائون پڻ سٺيون لڳيون.

'وينس جو پتلو' ڪهاڻي وٽندڙ ۽ دلچسپ لڳي.

وري هڪ دفعو اَرجن حاسد صاحب جي واه واه ڪرڻي پوندي. 'هاڻي صبر جو اِنتظارڪونهي' جا تاثرات گهڻو ڪجهه ڄاڻڻ سکڻ جو حاصل ٿيو. رکيل موراڻيءَ ۽ نامديو تاراچنداڻي ۽ وري 'منش نگري' تي تاثرات چارچند لڳائي ڇڏيا.

ٿڌي رات ٽڪ پيچي،ڏکڻ ڪولي واءُ،
هير هٿان هرهنڌ، اچي پيو پرلاءُ،
ڳائن وينا شاهه، ماڻهو منهنجي ملڪ جا.

ڪرشن راهي



سنڌ مان آيل مسلمان ٽئڪسي ڊرائيورسان شارجاه هوائي اڏي کان دبئ
طرف ويندي ڳالهيون ڪندي مون سان گڏ ڪن ٻين کي بہ سنڌ جي سارو
ڪرائي اٿائين. سندس ڪهاڻي جنهن گهڻو متاثر ڪيو سا آهي نج نيٺ
هيڪاندا سنڌي لفظ جيئن تہ ڪچهريون، ڏوگهيون، آرامي، چوٽ، گودڙ
ڪُرازي، جٽيون، مسيت، لچڻ، وچٽا، جهلي، ليپو، ڪاڻ جهنگهہ، ٻ
پڇتي، ٻُصري، وچورڪار مَهر فنڪار. ڪي اصطلاح جئن تہ راحت بخش
احوال اورڻ، ڏٺيءَ کي پيارو ٿيڻ، وارونگو نہ ٿيڻ ۽ نيڻ ٺرڻ. ائين پيو لڳي ج
ڪنهن سنڌ ۾ رهندڙ ليکڪ جي لکڻي آهي!

بنسي کوبچنداڻي (ممبئي)

هن پيري رچنا ١٣٦ ٿورو دير سان مليي پرمال ۽ رومال ڏسي ۽ پڙهي
خوش ٿي. توهان پياري دوست گووردڌن شرما 'گهايل' جو فوٽو رچنا جي
پيج تي ڏيئي سنڌي ڪويتا جو سنمان ڪيو آهي. اندر ڏنل گهايل ج
پوئٽري بہ وڻندڙ آهي. هي سٽون مونکي خاص وڻيون :

١. ماڻهو مُنهن جي ٻولي ڄاڻن،
دِل جي دِل سان اوريون يار!
٢. هڪ ٻئي کان اڻواقف سڀ ها،
گهر جي نالي ۾ هوٽل هو.

اِئين رچنا ۾ ڏنل ڪويتا هميشه من کي لڀائيندي آهي. سائين اَر
حاسد جيترو غزل سنا لکن ٿا اوترو ئي دست رس سندن بنا ڇند جي ڪويتا
بہ آهي. پورالو آهي ڇند ۽ تارازي ٻئي وڻندڙ ڪويتائون آهن. حاسد صاح
اڄ سنڌي ادب جا سرمور ڪوي آهن.
لکمي ڪلاڻيءَ جي ڪهاڻي 'وينس جو پتلو' هڪ نئون مفهوم ڪٺي آ
ٿي. ڇئن ڏهاڪن کان سنڌي ادب کي سنيون ڪهاڻيون ڏيڻ لاءِ کيس واڌاي
اَدي اندرا واسواڻي نہ هوندي بہ سڀي رچنا ۾ ۽ اسانجي دلين ۾ ڇان
آهي. جتي هجي خوش هجي.


Many are the ways that lead to God, -
many roads, many religions.

That which leadeth to God, - whatever
be the road man takes, whatever
be the religion he follows, - is
the simple path of selfless to
fellow-men and creatures.


When self is forgotten and man
lives only to bring happiness
to others, he is very close to God.

Dada J.P. Vaswani

RAM & VEENA BUXANI FOUNDATION
DUBAI


رام بخشانی
بلندی کی طرف

Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India
Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540



مَروُ تيرٿ هنگلاج

بنگالي ناول

اَودُوت

سنڌي ترجمو

رام ڪڪڙيجا

Sindhology Publication

Price : Rs. 250/=